رياض بلوچ
ڊاڪٽر رخمان گُل پالاري

# سُر ديسيءَ ۾ بلوچي ٻولي

***Abstract***

## Baluchi Language in Sur Desi

*Shah Abdul Latif Bhitai was a poet of Nature. He had traveled a lot and his poetry contains the knowledge of various languages and places of geographical importance.*

*In this paper Shah Latif has used the terminology of Baluchi language specially MEKRAN belt.*

*There are five chapters on the legend of SUSSUI, which contains the travelogue of Mekran. It is the knowledge of Shah Latif that he has introduced the terms of Baluchi language in his poetry.*

*In order to convey the true message of terms he has very artistically vowen those terms in his poetry that on one hand, those are considered as the part and parcel of Sindhi Poetry, but the terminology of Baluchi language has been inserted in the above Surs.*

*The meaning and historical background of Baluchi terms have been explained and interpreted so that the reader can grasp their meaning. The Sindhi-Baluchi mingling of terms is considered as an art of Shah Latif. It is hoped that the reader will enjoy and appreciate the art of Shah Latif.*

**شاهه** عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام گهڻن ئي خوبين ۽ خصوصيتن سان ٽمٽار آهي، پر ان ۾ هڪ بنيادي خوبي اها به آهي ته شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ جنهن به ايراضي جو ذڪر ڪيو آهي، اتان جي جاگرافي، سماجي حالتن ۽ تمدن سان گڏوگڏ اتان جي مڪاني ٻولي يا لهجي جو به نهايت اثرائتي ۽ وڻندڙ انداز ۾ واهپو ڪيو اٿس،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي هڪ سُر ۾ بلوچستان جي اُپ چُهندڙ ۾ هميشہ ڳاٽ اوچو ڪري جيئڻ جي علامت بٽيل جبلن ۾، رڍن ۽ ٻڪرين جي ڪير تي گذران ڪندڙ، ڳاڙهين اکين وارن سرمچارن جي بلوچي ٻوليءَ کي بہ ڪين وساريو آهي. شاهہ لطيف سسئيءَ جي ڏيرن جي ان ٻولي کي پنهنجي شاعريءَ جي سونهن بنايو آهي، اهي ئي ڏير جڏهن سسئيءَ کي پنپور ۾ هيڪلو ڇڏي ڪَرَها ڪاهي ويا تہ شاهہ لطيف ڪين نندي بہ ٿو تہ ساڳي وقت سندن حُسن جي ساراهہ بہ پڻ ڪري ٿو.

ڪڪيون اکيون ڪيچين جون، ڳاڙهي سونهن سندن.

(املهہ اٽتوريا - سُر ديسي، صفحو 104)

بلوچي ٻوليءَ جا لفظ شاهہ لطيف جي رسالي جي ٻين سُرن ۾ بہ ڪم آيل آهن، پر اسان هتي رڳو "سُر ديسيءَ" ۾ بلوچي ٻوليءَ جو بيان ڪنداسين.

سُر ديسيءَ، وارا بلوچي بيت گهٽي ياگي سيني رسالن ۾ موجود آهن، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تعداد جي حوالي سان ڪنهن رسالي ۾ وڌيڪ تہ ڪنهن ۾ گهٽ آهن، جيئن گنج ۾ اٺ بيت، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري سهيڙيل رسالي ۾ پنج بيت، مرزا قليچ بيگ واري سهيڙيل رسالي ۾ ست بيت. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي واري سهيڙيل رسالي ۾ ڇهہ بيت، ڪارڪنانِ دفتر لطيفي واي سهيڙيل رسالي ۾ ست، بيت، شوقيرام تارا چند واري سهيڙيل رسالي ۾ ڇهہ بيت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سهيڙيل چوٿين جلد ۾ اٺ بيت، ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل شاهہ جي رسالي جي ٻئي جلد ۾ ٻاويهہ بيت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تازي سهيڙيل 2009ع واري شاهہ جي رسالي ۾ ست بيت ۽ املهہ اٽتوريا ڪتاب ۾ ايڪيهہ بيت ڏنل آهن. انهن مان ڪي بيت بنهہ نوان آهن جي وري ٻين رسالن ۾ نہ آهن، ٿلهي ليکي اهي بلوچي ٻوليءَ وارا اٺاويهہ بيت آهن. انهن سيني رسالن ۾ گهٽي ياگي آيل بلوچي لفظن، جملن، توڙي اصطلاحن جا بلوچي ٻوليءَ تحت اُچار ۽ معنائون پڻ نانجهيون ڏنل آهن. انهن بلوچي ٻوليءَ وارن چند بيتن تي هڪ اڌ مضمون بہ لکيل آهي، پر سمورا بيت ڪنهن هڪ جاءِ ڏنل ناهن. هن مقالي ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ انهن بيتن ۾ آيل بلوچي لفظن توڙي جملن کي درست اُچارن تحت رکي انهن جون معنائون ڏيون، ۽ پوءِ بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ڪچايون رهجي وڃن، اهي ڪچايون جي ڪنهن سڄاڻ کي نظر اچن تہ مهرباني ڪري بنا ڪنهن هٻڪ جي سنواري ڇڏي تہ سندس مهرباني ٿيندي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاھ لطيف ھنن بيتن ۾ گھٽي ياڳي بلوچي ٻوليءَ جو رخشاڻي لھجو ڪتب آندو آھي، جو بلوچستان جي اُترئين جابلو پٽيءَ ۾ ڳالھايو وڃي ٿو.

## بيت نمبر (1)

ھي بيت مرزا قليچ بيگ جي سھيڙيل شاھ جي رسالي ۾ ھن ريت لکيل آھي:

بُرو ڦازا بات جنجي، ٿانگو روان شيشي،
ڏِين پاريسُيون پاٽ ۾ اَيزا بليشِي،
ليڙا رات، لطيف چئي، نڌائون نيشي،
پنھون پرويشي، ڪج پيادنِ جي پنڌ ۾.
(مرزا قليچ بيگ، شاھ جو رسالو، سُر ديسي، ص:356)

مرزا قليچ بيگ لُغاتِ لطيفيءَ جي صفحي 174 تي مٿيئن بلوچي ٻوليءَ جي لفظن جوُن معنائون ھن ريت ڏنيون آھن:

بُرو ڦازا= وڃ ھليو، اُٺي ھَلُ، اُٺي وڃ
ايزا بليشي= ھيءَ شيءِ، ھن کي، ھي ھي.

ھي ساڳيو بيت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب پنھنجي طرفان سھيڙيل شاھ لطيف جي رسالي ۾ ھيٺئين ريت ڏنو آھي.

بُرو فَادَا بَاتِ جَنِ جِي، تَھانڪِ رَوَان شِيشي،
ڏين پَارسِيُون پَاڻَ مين، اِزَان بَلِيشِي،
ليڙا رات لطِيفُ چئي، ننڌھا ۽ نيشِي،
پُنُھون پرويشي ڪِج، پِيَادنِ جِي پندھَ مين.
(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، شاھ جو رسالو، ص: 373)

ھي ساڳيو بيت غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب شاھ لطيف جي سھيڙيل رسالي ۾ ھن ريت بلوچي لفظن جي معنيٰ سميت ڏنو آھي:

بُرھ ڦازا بات جنجي، ٿانگو روان شيشي،
ڏيَن پارسيُون پاٽ ۾، اَيزا بليشي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ليــڙا رات لـطـيـف چـئـي، نَـڏاءُ نـيـشـي،
پــنـهـون! پَـرويشـي ڪـجـه پـيـادِنِ جـي پـنـڌ ۾.
(علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، شاھ جو رسالو، ص: 357)

بُره قازا = اُتي وچ
ايزا بليشي = هتي ويهه.

ساڳيو بيت شوقيرام تاراچند پنهنجي سهيڙيل شاھ لطيف جي رسالي ۾ هن ريت ڏنو آهي:

بُـرو قـازا بـات جـنـجـي، ٿـانـگـو رَوان شـيـشـي،
ڏِيــنِ پــارسُــيــون پــاڙــم، اَيــزا بِــلــيــشــي،
لــيــڙا رات لـطـيـف چـئـي، نَـڏاءُ نـيـشـي،
پـنـهـون پَـرويشـي، ڪـج پـيـادِنِ جـي پـنـڌ ۾.
(شوقيرام تاراچند، شاھ جو رسالو، ص: 269)

ساڳيو بيت ڪارڪنانِ دفتر لطيفيءَ وارن جي سهيڙيل شاھ جي رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهي:

بُـرو قـازا بـات جـن جـي، ٿـانـگـو روان شـيـشـي،
ڏيــن پــارســيــون پــاڙــم، ايــزا بــلــيــشــي،
لـيـڙا رات لـطـيـف چـئـي، نـڏائـون نـيـشـي،
پـنـهـون پـرويشـي، ڪـج پـيـادن جـي پـنـڌ ۾.
(ڪارڪنانِ دفتر لطيفي، شاھ جو رسالو، ص: 111)

اهو ساڳيو بيت ممتاز مرزا طرفان سنواريل گنج شريف ۾ هيٺئين ريت ڏنل آهي:

بُـرو قـازا بـاتِ جـنـيـن، سـيـروزي شـيـشـي،
ڏيَــن پــاريشُــيــونَ پَــاسـڙَ ۾، اِذاَ بَــلــيــسَــي،
لَـيـڙا رات لـطـيـف چـئـي، نـڏائـون نـيـشـي،
پـنـهـون پـرويشِـي، ڪـج پـيـادَيـنِ جـي پَـنـڌَ ۾.
(ممتاز مرزا، سنواريل گنج، ص: 111)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اهو ساڳيو بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت هاڻي ويجهڙائي ۾ ٻانهي خان شيخ طرفان سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

بُرو فَازَا بَات جَنِي، سِيرُوزي شِيشِي،
ڏِيِن پَارسيُون پَاڻَ ۾، اِزاً ابليسِي،
لِيڙا رَاتِ لطيف چئي، نَدَائُون نيشِي،
پُنُهُون پرَويشِي ڪجه پِيَادَنِ جي پَندَ ۾.
(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد-II، ص: 214)

برو = وج، هل
ڦازا = پوئتي موٽي
سِيرُوزي شِيشِي = ٽيون ڏينهن هلئا وئا
اِزَا = هتي
اَبليسي = هن (عورت يعني سسئيءَ) کي ڇڏيو.

اهو ساڳيو بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت ڏنو آهي:

برُون ڦذا بات جَنِ، ٽانگ رَوان ٽِيشي،
ڏين پارسُون پاڻ ۾، ايذَ بلُون ايشي
ليڙا راتِ لَطِيفُ چَئي، نَدَاُئون نيشِي،
پُنهون پرَويشِي ڪِج پيادِيءَ جي پندَ ۾.
(بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو، ص: 218)

برُون ڦزا = پوئتي هلون، پوئتي موٽون
ٽانگ روان = ڪيڏانهن وڃان
ٽيشي = اوهان ڪان (اُنهن جي وائي تہ پوئتي موٽو پر آءٌ اوهان ڪان سواءِ ڪيڏانهن وڃان)
ايز = هتي
بلون = ڇڏيون
ايشي = هن کي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪتاب املهہ اٽوريا ۾ اهو ساڳيو بيت هن ريت ڏنل آهي:

برو فازا بات جني جي، شيشنگ شاهي،
مفت هونگاري هليا، رَمي ٿيا راهي،
حَب ۾ همراهي، پنهونَ ڪج پيادنِ سان.
(املهہ اٽوريا، ص: 102)

اهو ساڳيو بيت عبدالحنان گبول، ڪلاچي جرنل جي ڊسمبر 2007ع واري پرچي جي صفحي 69 ۽ 70 تي بلوچي لفظن جي معنائن سميت هن ريت ڏنو آهي:

برون ڦذا بات جني، سئروزي سئشي،
ڏين پاريسيون پاڙ ۾، ايذا بِلون ايشي،
ليڙا رات لطيف چئي، نندائون نيشي،
پنهون پرويشي، ڪج پيادن جي پنڌ ۾.

برُون ڦزا = هلون (جمع)
ڦذا = پوئٽي
ازا = هتي
بلون = چڏيون
سئروزي سئشي = انهن جو مٿو ويندو.

مٿيئن بيتَ ۾ ڪم آيل بلوچي، ٻوليءَ جي هڪ اصطلاح "سَر وذي شُئسي" جي معنيٰ ڪنهن بہ عالم اصطلاح واري حوالي سان نہ ڏني آهي. سيني محققن انهيءَ اصطلاح جي لفظن جون ڌار ڌار معنائون ڏنيون آهن. جيڪي هِن اصطلاح جي اصل معنيٰ کان ڪوهين ڏُور آهن. عبدالحنان گبول توڙي جو هنن لفظن ڪي اصطلاح سمجهي معنيٰ ڏني آهي، پر الائي ڇو "وذي" لفظ جي معنيٰ "اُنهن جو" لکي اٿس. جڏهن تہ بلوچي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ لهجي ۾ "وزي" لفظ "اُنهن جو" جي معنيٰ ۾ نٿو ڳالهايو وڃي. "وزي" جي بلوچي، زبان ۾ معنيٰ آهي: "پنهنجو/پنهنجي". هي لفظ ڪيچي ۽ ڪجهہ ٻين لهجي ۾ وَتي اچاربو آهي، پر ساڳي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي.

هن بيت جي پهرئين سِٽ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ عبدالحنان گبول، بلوچي لفظ ڦذا ۽ ان جي معنيٰ (پوئٽي) لکي آهي. جڏهن تہ ٻين سمورن محققن بلوچي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لفظ ”قازا“ ۾ ان جي معنيٰ (اُٺو) لکي آهي. اسين جڏهن بيت جي منظر نگاري ڏانهن ويچاريندا سون تہ پهرئين سِٽَ ۾ ”قازا“ لفظ وڌيڪ ٺهڪي اچي ٿو. انهيءَ بيت ڪي سنواري، لفظي معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سميت هيٺ ڏجي ٿو:

بــرُون قَــازاَ بــات جَــنــي، سَــر وَزِي شُــئـسِــي،
ڏيــن پــاَريســيــوُن پَــاڻَ ۾، اِزاَ بِــلــوُن اَيشِــي،
لــيــڙا راتَ لــطــيــف چَــئـي، نِــنــداَئـون نِــيــشِــي،
پُــنــهــون پَــرويشِــي، ڪِــج پــيــادن جــي پَــنــڌَ ۾.

**معنيٰ:**

برُون = هَلوُن، وڃون
قازا = اُٺي، اُٺو (واحد ۽ جمع ٻنهي لاءِ ڪم ايندو)
اِزاَ = هِتي
بلوُن = ڇڏيون
اَيشِي = هِن ڪي
نِنداَئون = وِهاريائون، جهوڪيائون
سئَروزي شُئسي = پنهنجو مٿو ويندو.

**سمجهاڻي:**

ڪيچ جي والي آري/عالي ڄام ڪي جڏهن خبر پئي تہ سندس سڪيلڏي پُٽ ڄام پُنهون ڀنڀور ۾ هڪ ڌوٻياڻيءَ سان شادي ڪئي آهي تہ پنهنجي پُٽن ڪي حڪم ڪيائين تہ ”بُرو بگيرد بيا“ (وڃو وٺي اچوس). شاهہ لطيف اهي بلوچي لفظ بہ ڪافي بيتن ۾ ڪم آندا آهن. پنهونءَ جي ڀائر بظاهر سسئيءَ جا ڏير بڻجي ڀنڀور ۾ آيا. ۽ پنهنجي پيءُ جو اهو حُڪم تہ ڪنهن بہ حالت ۾ پنهونءَ ڪي ڪيچ وٺي اچڻو آهي سو بہ پورو ڪرڻو هو. شاهہ لطيف هن بيت ۾ سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو تہ، ”منهنجي ڏيرن مان هڪ چيو ’برُون قازا‘ (اُٺو هلون)“ تہ ٻئي وراڻيو، ”سَر وزي شُئسِي“ معنيٰ: ’پنهنجو مٿو ويندو‘. سسئي ٿي چئي تہ، ”منهنجي ڏيرن سڄي رات اِها وائي پئي ڪئي تہ ’برُون قازا‘ ۽ پوءِ رات جو ليڙا جهوڪي، اُنهن تي چڙهي منهنجي پُنهل کي پاڻ سان ڪٽي ويا. هاڻي پنهون منهنجا محبوب منهنجي پر گهور لهج.“

جڏهن تہ حنان گبول ڪلاچي، ڊسمبر 2007ع، ص: 69 تي اها ڳالهہ ڪندي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لکي ٿو ته:

”پنهونءَ جي پائرن پاڻ ۾ سرگوشي ڪندي چيو، ”برُون قذا“ يعني ”پوئتي موٽون“ وري ٻئي جواب ڏنو ”سئر وزي سئشي“ يعني ”انهن جو مٿو ويندو“.

هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪنهن جو مٿو ويندو؟ وچڻ وارا ته هو پاڻ (سسئيءَ جا ڏير) هئا. پوءِ ڪنهن لاءِ پيا چون ته هُنن جو مٿو ويندو؟

## بيت نمبر (2)

ممتاز مرزا جي سنواريل گنج ۾ هيءُ بيت هيٺئين ريت ڏنو آهي:

بُرو بِگيردَ بي، تا ڏين پاريسيون پاڻَ ۾،
مون لوڏائين لَکيا ته هاجو ڪندا هي،
ماريندا مون ڪي، پنهون نيندا پاڻَ سين.

(ممتاز مرزا، گنج - شاهه جو رسالو، 1995ع، سُرود سسئي، ص: 96)

اهو ساڳيو بيت ڊاڪٽر ٽرمپ واري سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

بُرو بِڪِيرَد بي تهَا ڏِينِ پَارسِيونُ پَاڻَ ۾،
مون لوڏَانِئي لَکِهيَا ته هانڄو ڪَندَا هي،
مَارِيندَا مون کهي، پنهون نيندا پَانَ سان.

(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٽيون، 2008ع، سُر ديسي، ص: 374)

اهو ساڳيو بيت مرزا قليچ واري سهيڙيل رسالي ۾ بلوچي لفظن جي معنيٰ سميت هيٺئن ڏنل آهي:

بُرو بگيردَ بي، تا ڏين پاريسيون پاڻ۾،
مون لوڏانئَي لکيا ته هاجو ڪندا هي،
ماريندا مونکي، پنهون نيندا پاڻ سين.

(مرزا قليچ بيگ، شاهه جو رسالو، 1951ع، سُر ديسي، ص: 358)

مرزا قليچ بيگ لغات لطيفي، صفحي 174 ۾ هن بيت ۾ آيل بلوچي جملي جي معنيٰ هيٺئن لکي آهي:

برو بگيرد بي = وڃي وٺ.

اهو ساڳيو بيت علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ واري سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ بلوچي لفظن جي معنيٰ سميت هن ريت ڏنل آهي:

برو بگيرَد بي، تا ڏين پاريسيون پاٽ۾،
مون لوڏائي لَڪيا تہ هاڃون ڪندا هي،
ماريندا مونڪي، پنهون نيندا پاڙَ سين.

(علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، شاهہ جو رسالو، ڇاپو ٻيو، 1999ع، سُر ديسي، ص: 358)

علامہ صاحب هن بيت ۾ ”بُرو بگيرد بي“ جي معنيٰ نہ لکي آهي، پر هڪ ٻئي بيت (برو بگيرد بامر بليخا) ۾ قاسمي صاحب، صفحي 357 تي ’برو بگيرد‘ جي معنيٰ لکي آهي، ”وڃ موڪل وٺ تہ هلون“.

شوقيرام تارا چند پنهنجي سهيڙيل شاهہ جي رسالي، سُر ديسي، صفحي 270 تي هي بيت مٿي ڄاڻايل علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڏنل صورتخطي مطابق لکيو آهي.

دفتر ڪارڪنان لطيفي پاران مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ سُر ديسي، صفحي 111 تي هي بيت ساڳي نموني علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي واريءَ صورتخطي ۾ لکيل آهي.

ٻانهي خان شيخ پنهنجي طرفان سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هي بيت ۽ بلوچي لفظن جون معنائون هن ريت ڏنيون آهن:

بُرو بِگِيرِدَ بي، ٿَا ڏِين پاريسيُون پاڙَ ۾،
مُون لوڏَان ئي لَڪِيَا، تہ هاڃو ڪَندَا هي،
ماريندا مُون ڪي، پُنُهُون نيندا پَاڙَ سين.

(ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٻيو، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 214)

بگيرد = وٺي وڃن ٿا.

بي = جلدي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي طرفان تازي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هي بيت ۽ بلوچي لفظن جون معنائون هن ريت ڏنيون آهن:

بـرو بِـگـر بـي، ڏِيِـن پـارسِـيـُون پـاڻَ ۾،
مـون لـوڏان ئِـي لَـڪـيـا، تـہ هـاجـو ڪَـنـدا هـي،
مـاريـنـدا مـونـڪـي، پُـنـهـون نـيِـنـدا پـاڻَ سـيـن.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه جو رسالو، 2009ع، سُر ديسي، داستان ستون، ص: 218)

برو = وڃو.
بگر = جهليو.
بي = سواءِ (وڃو اُٿو اُٺ جهليو سسئي کانسواءِ).

مٿين بيت ۾ ”بُرو بِگِيرَد بي“ بلوچي ٻوليءَ جو بامعنيٰ جملو آهي. جنهن جي معنيٰ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ”وڃي موڪل وٺ تہ هلون“ ڏني آهي.

مرزا قليچ بيگ لغات لطيفيءَ ۾ ان جي معنيٰ ”وڃي وٺ“ لکي آهي، ٻانهي خان شيخ، ”وٺي وڃن ٿا جلدي“ معنيٰ ڏني آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، ”وڃو جهليو سواءِ“ (سسئيءَ کان) معنيٰ ڏني آهي.

مٿيئن جملي ”بُرو بِگيرَد بي“ ۾ ”بي“ جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ کان سواءِ ڪنهن بہ دُرست نہ ڏني آهي. ”بي“ جي هيٺان جيڪڏهن زِير ڏبي تہ معنيٰ ”ٿيندي يا ٿيندو“ بيهندي، پر جي ”بي“ هيٺان زير نہ ڏبي تہ معنيٰ ٿيندي، هرگز، هَڏِ، اصل، مُور يا سواءِ.

هِنن سمورين مٿي ڄاڻايل معنائن مان هن بيت ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران ڏنل معنيٰ ٻين محققن جي ڀيٽ ۾ درست آهي. جيئن شروع ۾ ذڪر ڪريا آيا آهيون تہ پُنهونءَ جي سسئيءَ سان شاديءَ واري مامري تي سندس پيءُ آري ڄام ڪاوڙيل هو. پر آري/عالي ڄام وڏي ڄمار جو ماڻهو هو تنهنڪري ڪيس خبر هئي تہ پنهونءَ پڪ سسئيءَ سان عشق ۾ ڦاسي شادي ڪئي هوندي، سو پنهون سسئيءَ کان سواءِ نہ ايندو. ايئن نہ ٿئي جو هُن ڏوٽڻ ڪي پاڻ سان وٺي اچي ۽ منهنجي سرداريءَ ڪي ٽِڪو لڳي.

تنهن لاءِ هُن پنهنجي ٻين پُٽن (پنهونءَ جي ڀائرن) کي چيو تہ وڃو پنهونءَ کي

جهلي اچو، پر اڪيلو يعني سسئيءَ کان سواءِ.

بيت جي صحيح پڙهڻي هن ريت بيهندي:

بُرو بِگيرَد بي، ڏِين پاَريسيُون پَاڻَ ۾،
مُون لَوڏان ئِي لَڪياَ، تہ هاجو ڪَندا هي،
مَارِيندا مونڪي، پُنهوُن نيندا پاڻَ سِين.

**معنيٰ:**

بُرو = وِجو، وِج

بِگِيرَد = جهليوس، جهلينس، وٺ، پڪڙ.

بي = سواءِ، بنا، مُور، هرگز، هَڏ.

**سمجهاڻي:**

هن بيت ۾ سسئي ٿي چوي تہ، ”ڏير پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا ’برو بگيرد بي‘ وجو جهلي اَچوس (سسئيءَ کانسواءِ) ۔ اهڙيون پروليون پيا ڏين هڪٻئي کي“ (سسئي بلوچي ٻولي نہ سمجهندي هئي تنهنڪري هُن لاءِ بلوچي ٻوليءَ جا لفظ پِرولي مثل هئا).

سسئي ٿي چوي، ”مون (ڏيرن جي) هلڻيءَ مان ئي لَکيو هو تہ هي مون سان ضرور ڪا ويڌن ڪندا. پُنهون کي پاڻ سان وٺي ويندا ۽ مون کي سُور ڏيئي ماريندا.“

## بيت نمبر (3)

هي بيت ممتاز مرزا صاحب واري سنواريل گنج ۾ هن ريت لکيل آهي:

جيڪر روا روش، مَروشي محبوب ڏي،
مَناڪُشي مولِدِي، ديوا پنهون دوس،
چڙهي ڏادين ڏونگرَين، پُر ڪَٽَندي پوس،
تي گواگا مني گوش، سُٽِي مانَ سڳِي ٿيان.

(ممتاز مرزا، سنواريل گنج شاهہ جو رسالو، 1995ع، سُرود سسئي، ص: 96)

اهو ساڳيو بيت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري سهيڙيل رسالي ۾ هن طرح لکيل آهي:

جيڪَرَ رَوَان روشُ مَروشِي مَحبوبَ ڏي،
مَنَا ڪُشِي مولِدي دِيوَان پُنهُوءَ دوسُ،
تَوڪَو خَانَ مين ڪوشُ، سُني مَانَ سِگهِي تهِيَان.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٽيون، 2008ع، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 374)

اهو ساڳيو بيت مرزا قليچ بيگ پنهنجي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هيٺين ريت ڏنو آهي ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنيٰ لغات لطيفيءَ ۾ هيٺين ريت ڏني آهي:

جيڪر روان روشُ، مَروشي محبوب ڏي،
منَان گُشي مولِدئي ديوان پنهونءَ دوش،
ٿوَ گوڪي مَنين گوشُ، سُٽي مانَ سگهِي ٿيان.

(مرزا قليچ بيگ، شاهه جو رسالو، 1951ع، سُرود ديسي، فصل ستون، ص: 357)

مرزا قليچ بيگ، لغات لطيفيءَ جي صفحي 180 تي ”روان روش مرشي“ جي معنيٰ ڏني آهي ”اڄوڪي ڏينهن ۾ وڃان، ڏينهن جو وڃان، اڄ (مروشي = اِمروز).

لغات لطيفيءَ جي صفحي 185 تي ”مَنان گُشي مولدئي ديوان پنهون دوش“ جي معنيٰ مرزا صاحب لکي آهي، ”يعني مونکي چيائين يا چوي ٿو مونکي جي ٻانهي چوي ها ته آءٌ جيڪر پنهونءَ کي ڏوهه نه ڏيان، چوان ته ٻانهي پنهونءَ اڳيان ڊوڙ.

اهو ساڳيو بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنيٰ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، صاحب پنهنجي، سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت ڏني آهي.

جيڪر روان روشُ، مروشي محبوب ڏي،
منان گُشي مولدِئي، ديوان پنهون دوش،
ٿوءَ گوڪي منين گوشُ، سُٽي مانَ سگهي ٿيان.

(علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻيو، 1999ع، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 58-357)

روان روش = اڄ وڃان
مولدئي = ٻانهي
گوشُ = اُٺي

اهو ساڳيو بيت شوقيرام تارا چند واري سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

جيڪر روانِ روشُ، مَروشي محبوب ڏي،
مَنان گُشي مُولدَئي، ديوان پنهونءَ دوش،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تـؤُ گـوڪـي مَـنـيـن گـوشُ، سُـٽـي مـانَ سَـگـهي تـيـان.

(شوقيرام تاراچند، شاهه جو رسالو، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 270)

اهو ساڳيو بيت دفتر ڪارڪنانِ لطيفي واري سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

جـيـڪـر روان روش، مـروشـي مـحـبـوب ڏي،

مـنـان گُشي مـولـدئي، ديـوان پـنـهـونءَ دوش،

تـوءُ گـوڪـي مـنـيـن گـوش، سـٽـي مـان سـگـهـي تـيـان.

(دفتر ڪارڪنان لطيفي، شاهه جو رسالو، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 111)

هي ساڳيو بيت ۽ بلوچي لفظن جون ڌار ڌار معنائون ٻانهي خان شيخ واري رسالي ۾ هن ريت لکيل آهن:

جـيـڪَـر رَوَان روشَ، مَـروشِـي مَـحـبـُوبَ ڏي،

مُـنَـا گُشِـي مَـولِـدي، ديـوَا پُـنُـهُـون دوسَ،

چَـڙهِـي ڏَاڍيـن ڏُونـگـريـن، پُـر ڪَـريـنـدي پـوشَ،

تـئي گُـواڪَـا مـنـي گـوشَ، سُـٽـي مانَ نـہ سَـگـهِـي تِـيَـان.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 215 ۽ 216)

روان = وڃان

روش = ڏينهن، روز

مروشي = امروز، اڄوڪي ڏينهن

مُنا = مونکي

گُشي = جيڪر هيءُ چوي ها

مَولدي = ٻانهي، گولي

ديوا = ڏيان ها

دوس = ميار، ڏوهه

پوش = پردو، ڍڪ، بچاءُ، توڪل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿئي = تنهنجي

گُواڪا = سَڏ تي، هڪَل تي

مَني = منهنجا

گوشَ = ڪن

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي طرفان تازي سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هي بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي، لفظن جون معنائون هن ريت ڏنيون آهن:

جيڪَرَ رَوان روش، مَروشِي محبوبَ ڏي،
مَنا گُشتَئي مولدِي، دِيما پنهون دوش،
ٿئي گُنواڪ مَنِي گوش، سُٽي مانَ سَگِهي ٿيان.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهہ جو رسالو، ڇاپو پهريون، 2009ع، سُر ديسي، داستان ستون، ص: 218)

روان = وڃان

روش = ڏانهن

مروشي = اڄ (جيڪر اڄوڪي ڏينهن جو اڄ ئي محبوب ڏانهن وڃان)

مَنا = مونکي

گُشتيءِ = چيائون

مولدي/مولدئي = تون ڀانهي

ديما = پويان

دوش = پنڌ پئو (مونکي چيائون تہ منهنجو ڪن، سو سُٽي مان مضبوط ٿيان)

هي بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جو معنائون ڪلاچي، جرنل 2007ع واري ڇاپي ۾ عبدالحنان گبول هيئن ڏنيون آهن:

جيڪر روان روش مروشي محبوب ڏي
منا گشي مولدي ديوان پنهون دوش
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين پر ڪريندي پوش
ٿئي گنواڪ مني گوش سٽي مان سگهي ٿيان.

(عبدالحنان گبول، ڪلاچي، جلد ڏهون، شمار چوٿون، ڊسمبر 2007ع، ص: 73)

ديما = اڳيان

ديوان = پويان/ڪڍ

روش = ڏينهن

مروشي = اڄ

منا = مون کي

گُشي = چوندو

گُشتيءَ = چيائين

گنواک = سڏ (واحد)

ٿئي = تنهنجو

مٿي ڄاڻايل بيت جي پهرئين سٽ جي شروع واري اڌ سٽ سڄي بلوچي ٻوليءَ جي آهي. ٽئين سٽ جو شروع وارو اڌ حصو پڻ بلوچي ٻوليءَ جو آهي.

مرزا قليچ بيگ لغات لطيفيءَ ۾ ”روان روش مروشي“ کي گڏي معنيٰ ڏني آهي. جڏهن ته هن سِٽَ ۾ روان روش تي بيت جو پهريون پد ختم ٿي ٿو ۽ ڪاما پڻ ڏنل آهي، ۽ مروشي لفظ بيت جي ٻي پد سان سلهاڙيل آهي، تنهنڪري ان لفظ کي ڌار ڪري لکڻ گهرجي، ته معنيٰ واضح ٿي بيهندي.

ٻي سِٽَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”ديما“ لکي لفظي معنيٰ ”پويان“ ڏني آهي. حنان گبول وري ”ديوان“ لکي لفظي معنيٰ ”پويان، ڪَڍ“ لکي آهي.

مرزا قليچ بيگ هن بيت جي ٻي سِٽَ ۾ آيل لفظ ”دوش“کي ڏوهه“ جي معنيٰ لکي آهي. جڏهن ته لفظ ”دوش“ بلوچي ٻوليءَ جي لفظ ”دوشي“ مان جُڙيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي. ”گذريل رات“. (ڏسو بلوچي لغت سيد گنج، صفحو 450)

اسين هيٺ هن بيت جي درست پڙهڻي، لفظي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

بيت جي پڙهڻي:

جيڪَر رَوَاَن روشِ، مَرَوشي محبوب ڏي،
مَنَا گُشتِي مَولِدي، دِيمَا پنهون دوشِ،
ٿَئِي گُنوَاکِ مَنِي گَوشِ، سُڻي مانَ سَگهِي ٿِيان.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**لفظن جي معنيٰ:**

رَوَان = وڃان، هَلان

رَوشِ = ڏينهن

مَرَوشِي = اڄ

مَنَا = مونکي

گُشتي = چيائون، چيائين

مولِدي = ٻانهي آهين

دَيمَا = اڳيان

دَوشِ = راتَ

تَئِي = تنهنجو

گُنَوَاڪِ = سَڏُ، پُڪار، آواز

مَنِي = منهنجو

گَوشِ = ڪن، ڪَيان

**سمجهاڻي:**

آءٌ (سسئي) جيڪر اڄوڪي ڏينهن، اڄ جو اڄ ئي محبوب (پنهونءَ) ڏي وڃان، مونکي ڏيرن (پنهونءَ جي ڀائرن) گذريل رات پنهونءَ جي سامهون چيو تہ تون ٻانهي (گهٽ ذات) آهين.

(اي پنهون) تنهنجو آواز، سَڏُ منهنجي ڪَن ۾ پئي (مونکي ايتري تسلي ٿئي تہ پنهون ويجهو آهي) تہ آءٌ جيڪر سَگهِي تي پوان.

## (بيت نمبر 4)

هي بيت ممتاز مرزا صاحب واري سنواريل گنج ۾ هن ريت ڏنل آهي، جڏهن تہ هي بيت ٻانهي خان شيخ طرفان سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۽ املهہ اٽوريا کان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ڏنل نہ آهي:

بِيا مَن تہ گرد نِنڌُ تي، گُفتا مَن گوشَ،
مَن اوزي بَرَام سيَنَ، هو هاڙهي جا بلوچ،
اُشتر اُنِهين پَارَ جا، آنداؤن ارموش،

تَـي گـوُاگـا مَـنِـي گُـوش، سُـٽِـي مـانَ سَـگِـي تـيـان.

(ممتاز مرزا، گنج شاهه جو رسالو، 1995ع، سُرود سسئي، ص: 96 ۽ 97)

اهو مٿيون بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي، لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ پنهنجي طرفان سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت ڏنيون اهن:

بِـيَـا مَـنِ تـہ گِـردِ نِـنـڏُون، تَـئي گُـفـتَـا مـنـي گـوشَ،

مَـنِ اوزي بَـرَامَر سـيـن، هـو هَـاڙهـي جَـا بَـلـوچَ،

اُشـتـر اُنـهـي پَـارَ جَـا، آنـدائُـون اَرمـوش،

تـئي گـوُاکَـا مَـنـي گـوشَ، سُـٽِـي مَـان نـہ سَـگـهِـي تِـيَـان.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 216)

بيا = اچ

من = مون ڏي

گِرد = گڏ

ننڏُون = ويهون

تَئي = گُفتي ڏانهن، ڳالهہ ڏانهن

مَنِ = آئون

اوزي = گهنگار

بَرَامر = برهمڻ (سسئي اصل برهمڻ جي خاندان مان هئي)

هاڙهي = لسٻيلي رياست ۾ هڪ جبل

اُشتر = اُٺ

اَرموش = تکا هلندڙ.

ڪتاب املهہ اٽوريا ۾ اهو ساڳيو بيت هن ريت لکيل آهي:

بـيـا گـيـرنـد تـي گـفـتـار، مـن ڪـن گـوش،

مـاتـو ذي بـراشـتـہ هـن هـاڙهـي مـنـجـهہ هـمـوش،

آنـدائـون ارمـوش، اُشـتـر انـهـيءَ پـار جـا.

(املهہ اٽوريا، ڇاپو ٻيو، 1990ع سُر ديسي، ص: 102)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جڏهن ته عبدالحنان گبول هي بيت پورو نہ لکيو آهي رڳو هن بيت ۾ آيل بلوچي لفظ ڏيئي سندن معنائون هن ريت ڏنيون آهن.

بيا من تئِگرد ننڌون، تئي گفتا مني گوش.

اچ مان تو وٽ ويهنديس، تنهنجو ڳالهاءُ منهنجي ڪن پوي.

من اوزي برا سئين
معنيٰ: مونکي اُتي ڪٽي ويندا ٿيئي

ٿئي گنواک مني گوش سٹي مان سگهي ٿيان
معنيٰ: تنهنجو سڏ منهنجي ڪن پوي تہ ٻُڌي مان سگهي ٿيان.

ٻانهون خان شيخ هن بيت جي پهرئين سٹ ۾ آيل بلوچي لفظ "تگرد" مان "تہ" ڪٽي باقي بچيل "گِرد" جي معنيٰ "گڏ" لکي آهي. جڏهن تہ "گِرد" جي معنيٰ ٿيندي "گول" يا "چوڌاري"، پر "گڏ" جي معنيٰ "گِرد" لفظ بلوچي زبان ۾ نٿو ڳالهايو وڃي. جڏهن تہ عبدالحنان گبول پنهنجي مقالي ۾ بلوچي لفظ "ٿيئگيرد" ڪري لکيو آهي.

هن بيت جي پهرئين سٹي سٹ بلوچي ٻوليءَ جي آهي، جنهن ۾ "بِيا مَن تَگَرَدِ نِنڌُ بلوچي، ٻوليءَ جو اصطلاح آهي. جنهن جي معنيٰ آهي منهنجي ڏُک ۾ اچي ڀائيوار ٿيو، "مون سان اچي ساٿي ٿيو."

جڏهن تہ بيت جي ٻي سِٹَ ۾ "من اوزي برام سئين" پڻ بلوچي ٻوليءَ جو هڪ اصطلاح آهي.

جنهن جي معنيٰ عبدالحنان گبول "مونکي اُتي ڪٽي ويندا ٿيئي ۽ ٻانهون خان شيخ "آءُ گنهگار برهمڻ" لکيون آهن.

هئڻ تہ اهو گهرجي تہ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن، اصطلاحن ۽ جملن جي معنيٰ ڏيڻ وقت سڄي بيت کي بہ نظر مان ڪڍڻ گهرجي، ڇو تہ ان بيت جي باقي معنيٰ بہ انهن لفظن سان سلهاڙيل هوندي آهي، هنن بلوچي، لفظن وارن بيتن جي حوالي سان محققن ان ڳالھ کي ليکي ۾ ئي ناهي آندو، جيئن عبدالحنان گبول، "من اوزي برا سئين" جي معنيٰ "مونکي اُتي ڪٽي ويندا ٿيئي". لکي آهي، هاڻي عبدالحنان گبول کان ڪير پُڇي تہ سسئيءَ کي ڪٿي ڪٽي ويندا؟ ۽ هو ٿيئي ڪير آهن؟ پُنهون تہ هڪڙو هو. جي هي ٿيئي پُنهونءَ جا ڀائر آهن تہ پوءِ سسئيءَ کي ڇو ڪٽي ويندا؟ هُنن (پنهونءَ جي ڀائرن) کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيڪڏهن سسئيءَ کي ڪٽڻو هو يا وڻي وڃڻو هو ته پوءِ ڪيس پنهور ۾ ڇڏي ڇو ويا؟ سو اهڙي معنيٰ ڏجي جا پوري بيت توڙي بيت سان واڳيل پسمنظر جي، پڻ عڪاسي ڪري ته اهڙي معنيٰ قبوليت جوڳي ٿيندي، نه ته هروڀرو پاڻي ۾ پٿر نه اڇلائجن.

اصل ۾ هي بلوچي ٻوليءَ جو اصطلاح هن ريت آهي: ”مَنِ اوزي بَرام سَئِين“ معنيٰ مونکان ڪالهه ٿيئي (ڏاگها، ڏير، ڏونگر) پنهون ڪٽي ويا، ڦري ويا. جيئن هڪ بيت شاهه لطيف هيئن ٿو چئي: ”ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٿنهي ڏنم ڏک“، هن بيت جي پڙهڻي، لفظي معنائون ۽ سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي.

بِيَا مَنِ تَگِرد نِندُ، ثَئِي گُفتا مَئي گَوشِ،
مَن اَوزِي بَران سَئِين، هو هاڙهي جا بَلوشَ،
اُشتِر انهيءَ پَارَ جا، آندائون اَرمَوشَ،
ثَئِي گُواڪَان مَنِي گَوشَ، سُٽي مَانَ سَگهِي ٿيا.

بيا من تَگِرد نُنِدَ: منهنجي ڏُک ۾ اچي شريڪ ٿي/ٿيو.

ثَئِي = تنهنجو

گُفتا = ڳالهاءُ

مَني = منهنجو

گَوَش = ڪَن، (ٻُڌڻ)

من اوزي بَران سئين مونکان ڪالهه ٿيئي (ڏاگها، ڏير، ڏونگر) نه منهنجو اجهو، آسرو (پنهون) ڪٽي ويا، ڦري ويا.

اُشتِر = اُٺ

اَرموش = تڪا هلندڙ اُٺ

ثئي گُواڪان مِن گوش = تنهنجو آواز، سَڏ منهنجي ڪن ۾ پئي، ٻُڌڻ ۾ اچي.

**سمجهاڻي:**

هن بيت ۾ سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي ڪانپوءِ پنهنجي تصور ۾ پنهونءَ کي دانهن پئي ۽ ڪيس منٿون پئي ڪري ته، ”مون (سسئي) تنهنجي (پنهونءَ جي) وڇوڙي جي ڏُک جو تَڏو وڇايو آهي. تون اچ مونسان منهنجي ڏُک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي. اچ ته تنهنجو مٺڙو آواز ٻُڌان.

مونکان ڪالهه ڏاگها، ڏير ۽ ڏونگر منهنجو پرين ڦُري ويا جڏهن اُنهن هاڙهي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي بلوچن توکي مونکان ڇني ڌار ڪيو.

اُنهن (ڏيرن) بلوچستان جا نسلي ۽ ٻلا اُٺ آندا هئا. هاڻي آءٌ تو بِنا صفا نماڻي ۽ نِزور ٿي پيئي آهيان. شل تنهنجو ڳالهاءُ ٻُڌي سَگهي ٿيان.

## (بيت نمبر 5)

هي بيت ٻانهيءَ خان شيخ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارن سهيڙيل رسالن کان سواءِ املھ اٽوريا ڪتاب ۾ پڻ لکيل آهي، هتي هيٺ ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل شاهه جي رسالي مان هي بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنائن سميت ڏجي ٿو.

شَمَا وَاوَ شَموسَ، سِگهي مِڙنِدِينءَ سسئي،
ليڙن جو لطيفؒ چئي، گَئَاخُ نـ ڪِيڙُءِ گوشَ،
رَوَا مَرِوشي روشُ، ڪَاهِ تـ ڪيچين ڪي رَسين.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، 2001ع، داستان تيرهون، سُر ديسي، ص: 216 ۽ 217)

شَمَا = تون

واو شَموس = ننڊ ڦٽي ڪر.

رَوَا = رو، وڃ

مَروشِي = امروز، اڄ

روش = روز، ڏينهن

اهو ساڳيو بيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تازي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ بلوچي لفظن جي معنيٰ سميت هيٺئين ريت لکيل آهي.

شَوا وَهاوَ شموشِ، سِگهي مِڙنِدِينءَ سسئي،
ليڙن جو لطيفُ چئي، گُنواک نـ ڪيئڙُءِ گوش،
روش مَروشِي روش، ڪاهه تِـ ڪيچين ڪي رسين.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻهريون، 2009ع، سُر ديسي، داستان 7، ص: 219)

شَواَ = رات

وهاو = ننڊر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شموش = وسار (راتين جو ننڊر وِسار)

گُنواک = سڏ

روش مروشي روش = روز اڄوڪي روز، اڄ اڄوڪي ڏينهن.

املھ اٽتوريا ڪتاب ۾ اهو بيت هن ريت لکيل آهي:

شما شموس، سگها ملندءِ سپرين،

ليڙڻ جو لطيف چئي، گواک نہ پيڙءِ گوش،

روان مروشي روش، ڪاھ تہ ڪيچين کي ملين.

(املھ اٽتوريا، ڇاپو پھريون، 1988ع، سُر ديسي، ص: 102)

هن مٿيئن بيت ۾ بلوچي لفظن جا اُچار ۽ معنيٰ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بلڪل دُرست ڏني آهي. جيئن بلوچيءَ ۾ چوڻي آهي ”شپاني وابا شموش (راتين جو ننڊ وسار) پر هي ساڳيو جملو بلوچي ٻوليءَ جي رخشاڻي لهجي ۾ ٿيندو. شَوَا وَاوُ شَموش جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي.“

ٻين جي پيٽ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مٿي ڄاڻايل بيت جي معنيٰ دُرست لکي آهي پر آخري سِٽَ ۾ اُچار ٺيڪ نہ آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هنن بلوچي لفظن ”روش مروشي روش“ جي معنيٰ ”روز اڄوڪي روز، اڄ اڄوڪي ڏينهن“ لکي آهي.

”رَوشُ مَروشِي رَوشُ“ جنهن معنيٰ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي، سا هر لفظ جي، الڳ معنيٰ آهي، پر پوري جملي جي معنيٰ اها نہ ٿيندي.

”روش مروشي“ هن جملي جي معنيٰ جو هڪ پنهنجو پسمنظر بہ آهي.

جيڪڏهن ڪنهن امڙ جو ڪو ٻار وڃائجي وڃي ۽ پنج ڏھ سالن ڪانپوءِ ڪير اُنهي ماءُ کان سندس وڃايل ٻار جي پُڇا ڪري تہ هوءَ بلوچي ٻوليءَ ۾ چوندي ”مَين چُڪ روچ مَروچي نہ اَتک“ ساڳيو جملو رخشاڻي لهجي ۾ هيئن ٿيندو ”مئين چُڪ رَوشُ مَروشِي نہ اَتک“ معنيٰ ”منهنجو پُٽ اڄ اڄوڪي ڏينهن تائين نہ آيو.“

هن بيت جي آخري سِٽَ ۾ ”روش مروشي روش“ جي جاءِ تي ”روان مروشي روش“ وڌيڪ ٺهڪي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سسئيءَ سوير سُمهي پنهنجو پرين وڃايو هو ۽ سندس انهيءَ غفلت جي ڪري ڪيس شاھ لطيف گهٽين بيتن ۾ هيئن چيو آهي:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”سُتين سنجهئي مُنهن ويڙهي مُئن جيئن“

(ڊاڪٽر محمد عالم سومرو، شاهه جو رسالو، سُر ڪوهياري، ص: 389)

”سي ڪوهه پرين پَسن، جي سنجهيءَ رهن سُمهي؟“

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو سُر ڪوهياري، ص: 229)

هن بيت ۾ بہ شاهه لطيف سسئيءَ جي ننڊ ڪي ننڊي ۾ پوءِ ڪيس همت ۽ جرئت جو دَرس ٿو ڏئي، سسئيءَ کي راتين جو ننڊ وسارڻ ۽ اڄ جو اڄ ئي ڪيچ ڏانهن ڪَهي وڃڻ جي نصيحت ڪيل آهي.

هيٺ انهيءَ بيت جي دُرست پڙهڻي، لفظي معنائون ۽ سمجهاڻي ڏجي ٿي.

شَوا وَهاوَ شَموشِ، سِگِهي مِڙنِدينءَ سسئي،
ليڙن جو لطيف چئي، گُنواڪ نہ ڪِئڙءِ گوش،
رَواَن مَروشِي روشُ،ڪاهِ تَہ ڪيچين ڪي رَسِين.

**لفظن جي معنيٰ:**

شَواَ = رات

وَهاوَ = ننڊ

شَموشُ = وِسار

گُنواڪ = سَڏ

گَوشُ = ڪَن، ٻُڌڻ، ڌيان ڏيڻ

رَوان = ويندِيس/ويندُس

مَروشِي رَوشُ = اڄوڪي ڏينهن، اڄ جو اڄ.

**سمجهاڻي:**

سسئي! راتين جو ننڊ وِسار، تنهنجو پرين (پنهون) ويو ڪيچ، هاڻ سُستي ڇڏ پهاڙن جا پنڌَ ڪر تہ جلدي پنهونءَ سان مُلاقاتي ٿيندئين. شاهه لطيف چوي ٿو تہ، ”اٺن جي رڙڻ جي آواز تي ڪن ڪونہ ڏنئي تون سوير سُمهي رهين.

هاڻي اڄوڪي ڏينهن، اڄ جو اڄ ئي ڪيچ ڏانهن پنڌ پئُ تہ پوءِ منزل تي رسنديئن.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## (بيت نمبر 6)

هي بيت ممتاز مرزا صاحب واري سنواريل گنج ۾ هن ريت ڏنل آهي:

بُرو بگيرد بام بَليخا، مان نه پروڙي مامَ،
ٿَوءَ دَئي ٿيو مَاَ ڪٿا، ڇلي ڇپر جي لام،
اڇي تن جي سام، درُهَا درُهَا ڪن جي.

(ممتاز مرزا، سنواريل گنج، شاهه جو رسالو)

اهو ساڳيو بيت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري رسالي ۾ هيئنئين ريت لکيل آهي:

برو بِڪيِرَد بَامَ، بَليخَان، ڪَامَ پَروڙي مَامَ،
تَودِي تَوَمان خشَتگَان ڪِ تو ڇهِلي ڇَهَپَر جي لام،
اَجهي جَنيهن سَامَ، درُها درُها ڪن جي.

(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٽيون، 2008ع، سُر ديسي، ص: 374)

اهو ساڳيو بيت مرزا قليچ بيگ واري شاهه جي رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

برو بِگيِرد بامَ بُليخا، مون پروڙي مَامَ،
ٿوءَ دئي، ٿو مان، خشتگاَن، ڪٿئوُن ڇُلي ڇپر جي لام،
اڇي پئي تِنهين سام، دراهه ورها ڪن جي.

(مرزا قليچ بيگ، شاهه جو رسالو، ڇاپو 1951ع، سُر ديسي، صفحو 356)

مرزا قليچ بيگ، لغات لطيفي صفحي 174 تي هن بيت ۾ آيل بلوچي ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون هن ريت ڏنيون آهن.

برو بگيرد بام بليخا = وڃي موڪل وٺ ته هلون هو پاڻ سان زال وٺي هلندو.

درُها درُها = دُراهه دراهه، يعني خوش خوش، چڱا ڀلا.

اهو ساڳيو بيت علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب واري سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ بلوچي لفظن جي معنائن سميت هن ريت ڏنل آهي:

بُرو بگيرد بام بليخا مون پروڙي مَامَ،
وءُ دئي، ٿوءُ مان خشتگان، ڪِتُؤَن ڇُلي ڇپر جي لام،

اڄي پيئي تنهين سام، ڏُراهه ڏُراهه ڪن جي.
(غلام مصطفيٰ قاسمي، شاهه جو رسالو، 1999ع، سُر ديسي، ص: 357)

برو بگيرد = وڃي موڪل وٺ ته هلون

وءُ دئي = تون ڏئي

ڏُراهه ڏُراهه = چڱا ڀلا.

هي اهو ساڳيو بيت شوقيرام تارا چند واري سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هيٺئين ريت ڏنل آهي:

بُرو بِگَيَرد بام بلَيخا، مون پروڙي مام،
توءَ دَئي، توءُ مان، خشتگان، ڪِتُئون چُلي چپَر جي لام،
اڄي پيئي تِنهين سامَ، ڏُراهه ڏُراهه ڪن جي.
(شوقيرام تارا چند، شاهه جو رسالو، سُر ديسي، ص: 370)

اهو ساڳيو بيت دفتر ڪارڪنانِ لطيفي وارن جي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

برو بگيرد بام بليخا، مون پروڙي مام،
توءُ دئي، تو مان خُشتگانَ، ڪتئوُن چلي چپر جي لام،
اڄي پئي تنهن سام، دراهه دراهه ڪن جي.
(دفتر ڪارڪنان لطيفي، شاهه جو رسالو، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 111)

اهو مٿيون ساڳيو بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت پانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت رکيل آهي.

بُرو بِگِيرَد بَامَ بَلِيخَا، مَان نه پَروُڙي مَامَ،
تَئو دَئي تَئو مَان، ڪِتَان چُلِي چَپَر جي لامَ،
اَڄي تَنِ جي سَامَ، ڏُرها ڏُرها ڪن جي.
(پانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 215)

برو = هلو

بگيرد = وٺي وڃن ٿا

بَامَ = عورت زال

بليخا = پاڻ سان

ٿئو = تون

دئي = ڏي

مان = مونکي

دُرها دُرها = واهه واهه، خوش مرحبا

اهو ساڳيو بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي تازي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت لکيو آهي:

بُرو بگر بليغان، مون نه پَرُوڙي مامَ،
تو داٿو ڪُشتغان، چُلي چَپَر لامَ،
اڇي پئي تَن سام، دُراهه دُراهه ڪن جي.

(ڊاڪٽر بلوچ، شاهه جو رسالو، ڇاپو پهريون، 2009ع، ص: 218)

بُرو = وڃو

بگر = جهليو

بليغان = يارو، ٻيليو! (ٻيلي يارو اُتو اٺن کي جهليو)

تَوَ/تَوُ = تَپ

ڪشتغان = مونکي ماريائون

دُراهه دراهه = خوش خوش، بلوچيءَ ۾ پليڪار ۽ خير.

جي ڏنو وڃي ته هن بيت جي ڊاڪٽر بلوچ واري پڙهڻي ٻين محققن کان وڌيڪ بهتر آهي. هن بيت جي ٻي سِٽَ ۾ شاهه لطيف بلوچي ٻوليءَ جو اصطلاح "تؤَ داٿو ڪشتغان" ڪم آندو آهي، جنهن جي سنڌي معنيٰ آهي "تو درد ڏيئي ماري ڇڏيو."

هيٺ انهيءَ بيت جي چٽي پڙهڻي، لفظ معنائون، ۽ سمجهاڻي ڏجي ٿي.

بُرو بگر بليغَان، مون نه پَروڙي مامَ،
تَؤَ دَاٿو ڪُشتَغَان، چُلي چَپر لام،
اڇي پيئي تن سام، دُرها دُرها ڪن جي.

بُرو بِگر بليغان = اي ساٿيو وڃي جهليوس

تؤَ داٿو ڪُشتغان = تو درد ڏيئي ماري ڇڏيو / تون جڻ ته ٻرو ڏيئي ماري وئين

دُرها دُرها = خوش جوڙ، چڱو ڀلو، جوڙ متارو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**سمجهاڻي:**

سسئي ٿي چوي تہ ڏير "برو بِگر بليغان" پيا چون، پر مون اها مامر نہ سمجهي، هاڻي هيءَ ڪنل تنهنجا (پنهونءَ) جا سور ڪٽيو جبلن جي چيڙن ۾ رُلندي وتي، پر هاڻي انهن جي اَجهي اچي پيئي آهي، جي چڱيلائي واري خبر چار پُڇن ٿا.

## (بيت نمبر 7)

هي بيت ممتاز مرزا صاحب واري سنواريل گنج ۾ هن ريت ڏنل آهي:

قَـازا ڏيـر قَـگـيـن ويـا، هُـئـا جـوراڻـا جَـتَ،
ايــڌا نَــڌوَ ايــکَــواَ پــلاٽــيــا پَــربَــت،
مــاڙهــو ڏيــنـمِ مَـتَ، آئـون لَـجَ بـلـوچـي نِـسـتـگـان.
(ممتاز مرزا، سنواريل گنج، شاهہ جو ڪلام، ص: 98)

اهو ساڳيو بيت مرزا قليچ بيگ واري سهيڙيل رسالي ۾هن ريت لکيل آهي:

قَـازا ڏيـرَ قَـگَـهـيَـن ويـا، هُـئـا جـوراڻـا جَـتَ،
اَيــد انَــڌوَ ايــگــوا، هُــنِ پَــلاٽــيــا پَــربــتَ،
مــاڻـهـو ڏِيـنَـمِ مَـتَ، آءُ لـج بـلـوچـيـون نشـتـگـان.
(مرزا قليچ بيگ، شاهہ جو رسالو، 1951ع، سُر ديسي، ص: 357)

مرزا قليچ بيگ هن بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون لغات لطيفيءَ جي صفحي 168، 169 ۽ 172 تي هن ريت لکيون آهن.

آءُ لج بلوچيون نشتگان = آءُ بلوچن جي لج آهيان، آءُ بہ وهنديس يا وهان ٿي.
ايدا نندَو ايگوا = هو هن طرف آئي، هتي ويهہ آءُ هتي وهنديس.
قازا ڏير قگهين ويا = ڏير اتي قري ويا، ڏير سويرو هليا ويا
قگهين = سوير، فجر جو.
ايدا نَڌو ايگوا = هو هن طرف آئي.

اهو ساڳيو بيت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي هن ريت ڏنو آهي:

قَـازا ڏيـر قـگـهـيـن ويـا، هُـئـا جـوراڻـا جَـتَ،
اَيــدا نَــڌَو ايــگــوا، هُــن پــلاٽــيــا پَــربــت،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڻهو ڏينم مَتَ، آءُ لج بلوچيون نِشتگان.

(غلام مصطفيٰ قاسمي، شاھ جو رسالو، 1999ع، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 358)

اهو ساڳيو بيت شوقيرام تارا چند واري سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

قَازا ڏير قَگهين ويا، هُئا جوراٽا جَتَ،
ايدا اَندَوَ ايگوا، هُن پَلاٽِيا پَربَتَ،
ماڻهو ڏِينَمِ مت، آءُ لج بلوچيون نِشتَگان.

(شوقيرام تاراچند، شاھ جو رسالو، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 270)

اهو ساڳيو بيتن دفتر ڪارڪنانِ لطيفي وارن جي سهڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

قازا ڏير قگهين ويا، هوءِ جوراٽا جت،
ايد اندو ايگوا هن پلاٽيا پربت،
ماڻهو ڏِينَمِ مت، آءُ لج بلوچيون نشتگان.

(دفتر ڪارڪنانِ لطيفي، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 111)

اهو ساڳيو بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهي.

قَازَا ڏير قَگهين وئا، هُئا جوُرَاٽا جَتَ،
ايدَا نِدَوَ ايگوَان، پلاٽِئا پَربَتَ،
ماڻهو ڏِينَم مَتَ، آئون لَجَ بَلوچي نِشتَگان.

(ٻانهون خان شيخ، شاھ جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو ٻهريون، 2001ع، داستان تيرهون، ص: 217)

قازا = پوئتي موٽي

قگهين = سوير صبح جي مهل ڪنيي ڪٽي ويا (پنهونءَ کي)

ايد = هت

نِدَوَ = ويني آهيان

ايگوان = اڪيلي

نشتگان = ويٺي آهيان.

اهو ساڳيو بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تازي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت ڏنو آهي.

ڦَذا ڏيرَ ڦَنگي وِئا، هُئا جوراٽا جَتَ،
ايذ نِندي ايڪُواَ، هُن پلاٽِئا پَرَبَتَ،
ماڙهو ڏِينَم مَتَ، لچ بَلوچان نِشتغان.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه جو رسالو، ڇاپو پهريون، 2009ع، سُر ديسي، داستان ستون، ص: 218)

ڦازا = پوئتي موٽي

ڦگهين = سوير صبح جي مهل ڪنيي ڪٽي ويا (پنهونءَ کي)

ايد = هِت

نِدَوَ = ويٺي آهيان

ايگوان = اڪيلي

نشتگان = ويٺي آهيان.

عبدالحنان گبول اهو بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي، لفظن جون معنائون هيٺئين ريت ڏنيون آهي:

ڦازا ڏير ڦڳهين ويا، هُئا جوراٽا جت
ايذا نندي ايڪوا هن پلاٽيان پربت
ماٽهو ڏيندم مت، لچ بلوچي نشتغان.

(عبدالحنان گبول، ڪلاچي، جلد ڏهون، شمارو چوٿون، ڊسمبر 2007ع، ص: 75)

ڦازا = اٿ/ٿي

ڦڳهين = ڪافي دير اڳ

نندي = ويهندي

ايڪوا = اڪيلي

نشتغان = ويٺي آهيان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "شاهه جو ڪلام جلد چوٿون" صفحي 550 ۾ لکي ٿو ته "جدا جدا رسالن ۾ آندل عبارتن مان ٻه پڙهڻيون نڪرن ٿيون.

1. لڄ بلوچان نشتغان = لڄ بلوچن جي ويٺي هجان
2. لڄ بلوچان اشتغان = بلوچن جي لڄ کي ڇڏي ڏنو

شاهه لطيف جي بيتن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي ته سسئي، پنهونءَ جي وڇوڙي ڪانپوءِ پاڻ تي آيل ڏُکن جو بار پاڻ سر تي سهي ٿي ۽ پنهونءَ کي مَيار ڪانه ٿي ڏئي. هوءَ پرينءَ پاران مليل هر ڏک کي سُک سَمجهي سَهي ٿي، جيئن شاهه لطيف جي هيٺئين بيت ۾ آهي:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏِنَم ڏُکَ،
سي سڀ پانيم سُکَ، هيڪاند ڪارَڻ هوتَ جي.

(ڊاڪٽر محمد عالم سومرو، شاهه جو رسالو، سُر ديسي، ص: 325)

مٿيئن بيتَ ۾ ٻه ساڳيو موضُوع کنيو ويو آهي. جيڪڏهن انهيءَ بيت جي آخري سِٽَ ۾ "لڄ بلوچان اشتغان" جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ پڙهڻي ۾ ڏني آهي ته پوءِ "مَيار بلوچن ڏانهن هوندي" پر سسئيءَ ته هيڪاند ڪارڻ هوتَ جي سڀ سُک ٿي پانئي ته پوءِ پنهونءَ کي ميارون ڪيئن ڏيندي؟ تنهنڪري هن بيت ۾ "نشتغان" ئي دُرست ۽ مناسب آهي.

هيٺ انهيءَ بيت جي دُرست پڙهڻي، سمجهاڻي ۽ بلوچي لفظن جون معنائون ڏجن ٿيون.

قَازَا ڏير قَنگَي وئا، هُئا جوراڻا جَتَ،
اَيذِ نِنڊِي اَيڪُوا، هُن پلاڻيا پَربَتَ،
ماڙهُو ڏِينَم مَتَ، لَڄَ بلوچِي نِشتَغان.

قازا = اُٺي، اُٺ، اُٺو
قنگي = ڪنپي ڪٽي ويا
اَيذ = هِتي
نندي = ويهندي/ويهندو
ايڪُوا = اڪيلي/اڪيلو
اَيذِ نِندَي اَيڪُوا = هتي هيڪلي ٿي ويهه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لج = لڄ، عزت، پَت

بلوچي = بلوچن جي

نشتغان = ويني آهيان/وينو آهيان

**سمجهاڻي:**

ڏير اُٺي پنهونءَ کي ڪنيِي ڪڏي ويا. هوُ زور آور هئا، ڪا ڪَت وارا هئا (سردار آري ڄامَ جا پُٽ هئا)

اُنهن چيو هي (سسئي) هِت اڪيلي ويٺي هُجي، ايئن چئي اُٺَ پلاڻيائون.

(هڪ مونکي پنهونءَ جي وڇوڙي ماريو) ٻيو ماڙهو تا چوُن ته تون بلوچن جي لَڄ آهين. تنهنجو اِهو وڙ نه آهي ته تون بيابانن ۾ رُلندي رَهين، ٻاهر نه نڪر، گهر ويٺي هُج.

هن بيت جي پهرئين سِٽَ ۾ "قنگي" لفظ هِن لاءِ آندو آهي جو "بَست بَلوچ ٻڙُتگان" (بلوچ کي ٻَڌي ڪڏي ويا) واري ڳالهه ٻئي هڪ بيت ۾ به تيل آهي. (ڏِسو املهه اٽوريا، بيت 56، ص: 104)

## (بيت نمبر 8)

هيٺيون بيت ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۽ املهه اٽوريا ڪتاب ڪانسواءِ ٻين رسالن ۾ نٿو ملي.

نِــڪـر ڏُکـي ڏيَــهـه مَـان، غَــافِـلَ ڪِـيَـم گُـذَارِ،
مَـحبُـوبُ تَـغَـان شَـهَـرابُ تَـغَـان، اُٺـي جَـذو نـهَـارِ،
لـيــڙو دزو بُـخـتَـگَـا، تـانـگـهـو تِـنـگـهَـا تَـاڻِ،
بُـرغَـا پُـنـهُـونءَ ڪَـاڻِ، ڏُونـگـرُ ڪُـلِـي ڏورِ سُـفَـان.

تَغَان = هلئو

جَذو = (پنجن سالن جي عمر وارا) اُٺ

دَزو بُختگا = جلد اُٺ کي چوڙي ڪيڏانهن وڃي ٿو

بُرغَا = وڃان ٿي.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 220)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اهو ساڳيو بيت املھ اٽتوريا ڪتاب ۾ هن ريت لکيل آهي:

نـڪـر ڏُڪـي ڏيـهـ مـان، غـافـل ڪـيـم گـذار،
مـحـبـوب تـغـان شـهـر تـغـان، اُٿـي ان نـهـار،
لـيـڙُ دزو خشـتـگـان، تـانـگـو ٽـنـگـان هـار،
لـئـي پـنـهـونءَ اهـار، ڪَـلِـي ڏونـگـر ڏوريـان.

(ڪتاب املھ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، ص: 103)

اهو ساڳيو بيت بلوچي لفظن تي بنا اعرابين جي لَس ڏيئي عبدالحنان گبول ائين لکيو آهي، جڻ تہ هر پڙهندڙ اهي بلوچي ٻوليءَ جا اوکا لفظ هڪ ئي تِڪ ۾ پڙهي ويندو، هيٺ سندس لکيل بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ڏجن ٿيون:

نـڪـر ڏڪـي ڏيـهـ مـان غـافـل ڪـيـم گـذار
مـحـبـوب شـتـغـان شـهـر وبـتـغـان اٿـي جـذون نـهـار
لـيـڙو دره بـخـتـغـان ٿـانـگـهـو ٽـنـگـهـا تـاڻ،
بـرغـان پـنـهـونءَ ڪـڻ، ڏونـگـر ڪـلـي ديـرسـفـان.

(عبدالحنان گبول، ڪلاچي ريسرچ جرنل، جلد ڏهون، شمارو چوٿون، سال ڊسمبر 2007ع، ص: 79)

محبوب شتغان = محبوب هليا ويا

شهر وبتغان = شهر ستل هو

جذون = هلون

ليڙو = اُٺ

دره = سڀ

بختگان = ڪليل آهن

مٿين بيت ۾ ”ليڙو دُزو بوتڪخان“ کي اسانجي عالمن مختلف نمونن سان لکيو آهي. ٻانهون خان شيخ لفظ ”دُزو“ کي ”دَزو“ لکي معنيٰ ڏني آهي: ”جلد اُٺ ڇوڙي ڪيڏانهن وڃي ٿو“ جڏهن تہ عبدالحنان گبول ”دُزو“ کي ڦيرائي ”دُره“ ڪيو آهي ۽ معنيٰ لکي آهي ”سڀ“.

عبدالحنان گبول موجب ”ليڙو دُره بُتڪغان“ معنيٰ اُٺ سڀ ڪُليل هئا. عبدالحنان گبول بلوچي لفظن جي سنڌي معنيٰ ڏيندي ٿورو سوچي ها تہ سندس ڏنل اها



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معنيٰ بيت جي موضوع سان ٺهڪي ٻه اچي ٿي يا نه!؟

جڏهن مٿيئن سِٽَ ۾ شاعر چئي ٿو ته، ”محبوب شُتغان شهر وبتغان“ (محبوب هليا ويا، شهر سڄو سُتل هو ته پوءِ هيٺيئن سِٽَ ۾ ”اُٺ سڀ ڪليل هئا“ چو چوندو؟ جڏهن پنهونءَ ۾ اُنجا پائر پنيور ڇڏي هليا ويا ته پوءِ ظاهر آهي اُٺ ته سڀ ڪُليل هوندا. پيند سين ٻَڌل اُٺ سان ٻه ڪو پنيور مان ڪيچ وڃي سگهي ٿو ڇا؟

انهيءَ بيت جي ٽين سٽ ۾ ”ٿانگهو ٿنگها تاڻ“ ۽ چوٿيئن سٽ ۾ ”برغا پنهون ڪاڻ“ پاڻ ۾ هم قافيه آهن. جڏهن ته پهريون ٻه سِٽون انهن کان ڌار قافيي واريون آهن.

پهرئين سٽ ۾ گذار، ٻئي ۾ نهار، تنهنڪري هئڻ ته ايئن گهرجي ته ٽيئن سٽ ۾ ”يار“ ۽ چوٿين سٽ ۾ ”پار“ قافيو ٺيندو. هيٺ انهيءَ بيت جي پڙهٽي، لفظي معنائون ۽ سمجهاڻي ڏجي ٿي، پر ٿي سگهي ٿو اسان کان ٻه ڪا ڪچائي ٿي هجي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن ڏاهي جي نظر اسانجي هن پورهيي تي پئي ته مهرباني ڪري اسان جي رهنمائي ڪري.

نِڪر ڌُڪِي ڏيهَه مان، غافِل ڪِيمَ گُذَر،
محبوب شُتَغَان، شهر وَبَتَغَان، اُٿي جُڏُون نِهار،
لَيڙو دُزو بُوتِڪَغَان، ٿَانگو رَوَان يار،
بَرغَان پنهونءَ پَار، ڏونگر ڪُلي دِيرِ سِفان.

**لفظي معنائون:**

محبوب شُتغان = محبوب هليا ويا

شهر و بتغان = شهر (سڄو) سُتل هو

لَيڙ دُزو بوتڪغان = اُٺ چوريءَ ڪولپائون

ٿانگو رَوان يار = ڪيڏانهن وڃان يار

بَرغا پنهونءَ پار = پنهونءَ لاءِ ڪٽي پئي وڃان

ڪُلي دِير سفان = اَلاهي ڏُور ٿو سڄي.

**سمجهاڻي:**

سسئي (ڌُڪي) هاڻ ڇڏ پنيور ڪي، غافل نه ٿي نڪري پوءَ.

محبوب هلئا ويا، شهر سڄو سُتل هو، هاڻ اُٺ ته هلي نهاريون.

اُٺ چوريءَ ڪولپائون (جيئن ڪو آواز نه اچي) ۽ هاڻ آءٌ ڪيڏانهن وڃان؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(پنهونءَ کي هوڪٽي ويا آءُ ڪيڏانهن وڃان)

آءُ پنهنجي جَڏي جيءَ کي پنهون پار ڪٽيو وڃان. اهي ڏونگر اَلاهي ڏُور تا سِپجن.

## (بيت نمبر 9)

هيٺيون بيت بلوچي، لفظن جي معنائن سميت ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهه جي رسالي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شاهه جي رسالي ۾ ناهي، هيٺ ڏجي ٿو:

ڏاگـهَـنِ لاَهِـيـن ڏاڻَ، اُٺَـن ڏِيـن ڪـرڪـرا،
مُـنَـا شَـيِـشِـي ڦُـڙتَـگـا، پُـسـت جَـنِ پَـلاڻَ،
سَـنـجـهـي وِئـا سَـروَاڻَ، مَـيـن پَـڻ يـاڳـو رَفـتَـگـان.

ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، 217)

مُنَا = مون ڪان

شيشي = هلئا وئا

ڦُڙتگا = جلد، تڪڙا

پُست = پُٺن تي

مين = آئون

ياڳو = پڇندي، ڊوڙندي

رفتگان = ويندي‌س، وڃان ٿي

هيٺ انهيءَ بيت جي دُرست پڙهڻي، لفظي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

ڏاگَـهـن لاَهِـيـن ڏاَڻ، اُٺـن ڏِيـن ڪَـرِڪُـرا،
مَـنـاشَـي ڦُـرتَـگـان، پُـشـت جِـن پـلاَڻ،
سَـنـجـهـي ويَـا سَـرواڻ، مَـيـن پـڻ بَـانـگـو رَسـتِـگـان.

مَناشَي = مونکان

ڦُرتگان = ڦُري ويا

پُشت = پُٺي
مين = آءٌ
بانگو = سُياڻي
رَستگان = پھچنديس

بيت جي سمجھاڻي ڏيڻ کان پھرئين هيءَ ڳالھ چٽي ڪرڻ گھرجي تہ بيت جي ٻئي سِٽَ ۾ بلوچي لفظ ”مناشي“ بلوچيءَ جي رخشاڻي لهجي ۾ ”مونکان“ جي معنيٰ لاءِ ڪم ايندو آهي، اهو ساڳيو لفظ ڪراچي ۽ مڪران واري پٽيءَ جا بلوچ ”مناچي“ ڪري اُچاريندا آهن. جنهن جي سنڌي معنيٰ ساڳي آهي.

ان ساڳي سِٽَ ۾ لفظ ”پُشت“ کي ٻانهي خان شيخ ”پَست“ لکيو آهي، جو اصل ۾ ”پُشت“ لفظ ٿيندو. جنهن جي معنيٰ پُٺي، پٺيان ٿيندي.

ٽين سٽ جي آخر ۾ ٻانهي خان شيخ ”مين پڻ بانگو رفتگان“ لکي ان جي لفظي معنيٰ ”پہچندي، ڊوڙندي وينديس“ ۽ ”آءٌ پڻ سياڻي وينديس“ ڏني آهي.

جڏهن تہ انهيءَ جاءِ ”مين پڻ بانگو رَستِگان“ معنيٰ ”آءٌ بہ سُياڻي پُھچنديس“ يعني اُٺ اڄ ويا آهن، آئون بہ انهن کي اميد تہ سياڻي وڃي پھچنديس.

سسئيءَ جو ڪردار، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ جدوجهد ۽ مسلسل ڏُک ڏاکڙا برداشت ڪري جبلن جيان اوچا حوصلا رکڻ جي نشاني آهي. سا پنهنجو پرين وڃائڻ ڪانپوءِ صبح سج اُڀرڻ سان ئي اُٿي، روئي ٿي، رُڙي ٿي، پر پنهنجي پرينءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ چوندي ”اڄ نہ سياڻي وينديس“ اهو ڪھڙو عشق آهي؟ ڪھڙي جدوجهد آهي؟

ٻانهون خان شيخ ”ياڳو“ جي معنيٰ پَہچندي“، ”ڊوڙندي“ لکي آهي، جڏهن تہ بلوچي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ لهجي ۾ ”ياڳو“ لفظ پہچڻ، ڊوڙڻ جي معنيٰ ۾ استعمال نٿو ٿئي. هاڻي ٿورو بيت جي سمجھاڻيءَ ڏانهن غور ڪريون.

**سمجھاڻي:**

ڏاگھن جي پيرن مان ڏاڻ ڪولي ڪين ڪِرَڪُرا پيا هٽن، (هلڻ لاءِ تيار ڪن).
مونڪان (منهنجو محبوب) ڦُري ويا، جن جي اُنن تي پُٺن تي پلاڻ لَڏيل هئا.
هو منهنجا ڏٽي، سرواڻ سنجهي ئي هليا ويا پر (آءٌ بہ ڪٿي ٿي اُنهن بنا رهان) آءٌ بہ هينئر ئي هلان ٿي ۽ سياڻي ئي ڪين وڃي پُھچنديس.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## (بيت نمبر 10)

هيٺيون بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت ٻانهي خان شيخ جي، سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ ڏنل آهي، هي بيت املهه اٽتوريا ڪتاب ڪانسواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ڏنل ناهي:

قَـازَا ڏيـرَ قَـگـهـيـن وِئَـا، اُتِـي اُٽَ نِـيَـاڻَ،
بَـڪُ نَـدِي ٿَـي نِسـتِـيَـا، پـاتـائـون پَـلاَڻَ،
سَـنـجـهـي وِئَـا سَـرَوَاڻَ، مَـيـن پـڻ يـاڳـو رَفـتَـگـان.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 217)

قازا = پوئتي، موٽي

قگهين = سوير صبح مهل ڪنيي ڪٽي وئا (پنهونءَ ڪي)

بَڪُ = خبر

نَدِي = نٿو ڏين

ٿي= تون

نستيا = وينو آهين.

اهو ساڳيو بيت املهه اٽتوريا ۾ هن ريت لکيل آهي:

فـازا ڏيـر قـنـگـهـيـن ويـا، اُتـي اٽ نـيـاڻ،
بـگـو مـيـن ڪـر نشـتـان، پـاتـائـون پـلاڻ،
سـنـجـهـي ويـا سـرواڻ، مـيـن پـڻ ٿـانـگـا رفـتـگـان.

(ڪتاب املهه اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 102)

مٿيئن بيت جي ٻئي سٽ ۾ شاهه لطيف هڪ بلوچي ٻوليءَ جو اصطلاح بُڪو نِندي ٿَئي نيستِيا ڪم آندو آهي.

جنهن کي ٻانهي خان شيخ صاحب ”بَڪ ندي ٿي نستيا“ ۽ سنڌي معنيٰ ”خبر نٿو ڏين، وينو آهين“ لکي آهي.

هيٺ انهيءَ بيت جي درست پڙهٽي، لفظي معنائون ۽ سمجهاڻي ڏجي ٿي،

فَـازَا ڏيـر قَـگـهـيـن ويـا، اُتـي اُٽَ نِـيَـاڻ،

بُڪو نِندِي ٿَئي نَيستِيا، پاتَائون پَلانڱَ،
سَنجهي وِئا سَرواڱَ، مَين پِڻ بانَگو رَستِگان.

فازا = اُٿ، اُٺي، اُٺو (جمع)

ڦڳين = سوير

بُڪو نِندِي تئَي نيستِياَ = اي اٺو، هن نياڳيءَ وٽ ڪهڙو ويهڻ

مئين = پاڻ، اسان، آءٌ

بانگو = سُياڻي

رَستِگان = پُڇنديس، پهتيس.

**سمجهاڻي:**

ڏير صبح سوير اُٺي اُٺ تيار ڪري هليا ويا، ڏيرن چيو هن نياڳيءَ يعني سسئيءَ وٽ ويهي ڇا ڪريون؟ ايئن چئي اُٺ پلاڻيائون.

منهنجا (سسئيءَ جا) ڏير سنجهي هليا ويا

پر آءٌ بہ اُنهن ڪانسواءِ نٿي رهي سگهان، سُياڻي ئي وٽن (ڪيچ) پهچنديس.

هيءُ بيت ۾ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنيٰ ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي، هيءُ بيت ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهہ جي رسالي کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ رسالي ۾ آيل ناهي.

بُرو بِگيِرَدِ بي رَوَان، شَنگِ رَوَان شيزاَ،
ٺي جَاڳَائي جَتَڙو، ويئي هنين دِلِ دَروغَا،
ٿَو بَٿَغي اُو ربِتَغَان، لاَلَ مَنجهَان لوغَا،
ناحَق سي نوزَان، ڏين پَارَانَيا پنهونءَ ڪي.

(ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٻيو، سُر ديسي، داستان ٽيرهون، ص: 214)

بِگِيَرد = وٺي وڃن ٿا

بي = جلدي

رَوَان = وڃن ٿا

شنگِ = تکو

شيزاً = هتان (شنگ روان شيزان هاڻي آءٌ هتان تکي وينديس)

ٿو = تون

بتغي = رهجي ويئين

اُو = هوُ (پنهونءَ جا پائر)

ربتغان = هلئا وئا

لوغا = گهر

ڏنو وڃي ته ٻين رسالن جي ڀيٽ ۾ ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ بلوچي ٻوليءَ وارا بيت ٻين سڀني رسالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. پر شيخ صاحب بلوچي لفظن جا اُچار توڙي معنيٰ گهڻو ڪري اهڙيون ته عجيب ڏنيون آهن جو پڙهندڙ مُنجهيو وڃي، جيئن ”لج بلوچان نشتغان“ ۾ لج جي معنيٰ ”زال“ ۽ بلوچان جي معنيٰ ”بلوچن جي“ ته معنيٰ وڃي بيهندي بلوچن جي زال اها معنيٰ ته مائي سسئيءَ لاءِ سڌي گار آهي. مٿيئن بيت ۾ پڻ بلوچي لفظن جو معنائون ايئن ڏنل آهن. اچو ته پهرئين شيخ صاحب جي ڏنل معنائن سان بيت جي سمجهاڻي ڏسون ۽ پوءِ بيت جي دُرست پڙهڻي، لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

شيخ صاحب جي ڏنل معنائن سان بيت جي پوري معنيٰ هن ريت بيهندي.

وڃ وٺي وڃن ٿا، جلدي وڃن ٿا، هاڻي آءٌ هتان تڪي ويندس.

ٻئي سٽ جي معنيٰ ڏنل نه آهي وري ٽيئن سٽ ”تون رهجي ويئين (پنهونءَ جا پائر هليا وئا) محبوب گهر منجهان.“

ناحق پنهونءَ کي ڏوراپا ٿا ڏين.

هاڻِ پڙهندڙ پاڻ سوچين ڪا ڳالهه ٺهي ٿي بيت ۾؟

هيٺ بيت جي درست پڙهڻي لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻي ڏجي ٿي:

بُرو بِگِيَرد بي رَواَن، شِنگ رَواَن شَنزَا،
ٿي جاڳائي جتڙو، ويئي هِنيين دِل دُروغا،
ٿَؤ وَبتَغِي اُو رَفتَگان، لال منجهان لَوغا،
ناحقَ سي نَوزان، ڏين پارانيا پُنهُوُنءَ کي.

بُرو = وڃ، وڃو

بِگِيَرد = جهليو، پڪڙيو

بي = مُور، هڏ، هرگز، سواءِ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رَواَن = ويندا.

شِنگ = ڏار ڏار ٿيڻ، هڪ هڪ ٿيڻ

شَنزاَ = پڪڙجڻ، چڙوچڙ ٿيڻ

رَواَن = ويندا

دُروغا = ڪُوڙا، ڪوڙي، ڪُوڙ سان.

تَؤ = تون

وبتغي = سُتي هُئينءَ، سُتيئن

او = هُو (پنهونءَ جا ڀائر)

رفتگان = هليا ويا

لوغا = گهران.

**سمجهاڻي:**

وجو پڪڙيو هوُ مُور ويندا (وري ڏسجندا ئي ڪونهه) ڏار ڏار ٿي پڪڙجي ويندا.

سسئي پنهنجي دل کي پئي انهيءَ ڪُوڙ سان دِلاسو ڏي تہ پنهونءَ تائين پهچنديس.

تون (سسئي) سُتيئن (غافل ٿيئن ۽ اُنهن کي وجهہ مليوُ هو هليا ويا) هو محبوب تنهنجي گهران نڪري ويا.

## (بيت نمبر 12)

هيءُ بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هينئن ريت لکيل آهن، هيٺيون بيت املهہ اڏتوريا ڪتاب ڪانسواءِ ٻين رسالن ۾ ڪونهي:

دُرَهَا دُرَهَا ڪَنِ، فَازَا فـتِـحَ سيـنَ وئَا،

بي غَرضَا بَلوچَا، رس نہ رَهَايو تَنِ،

سَسُئِيءَ لاءِ سيڻِ، چيرُون تِيندِي چَپَرينِ.

(ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو ٻهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 215)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دُرَهَا دُرَهَا = چڱو ڀلا، شاباش، واهه واهه، خوش مرحبا

فازا = پوئتي، موتي

اهو ساڳيو بيت املهه اٽتوريا ڪتاب ۾ هن ريت ڏنل اهي:

درها درها ڪن، فازا ڏير فتح وريا،
بي غرضا بلوچ هئا، رس نہ رهايو تن،
سسئي لئہ سيڻن، چيڙون تيندي چپرين.

(ڪتاب املهه اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، ص: 103)

اسان هن بيت جي درست پڙهڻي ۽ لفظن جي معنائون ۽ سمجهاڻي هيٺ ڏيئي رهيا آهيون.

دُرهاَ، دُرهاَ ڪن، فازا فتح سيڻ وئا،
بي غرضا بلوچ هئا، رَس نہ رهايو تن،
سسئي لئہ سيڻن، چيرون تيندي چپرين.

دُرها دُرها = خوش جوڙ، خوش ڪيڪار

فازا = اُٿ، اُٿو (جمع)

**سمجهاڻي:**

ڏير (سسئيءَ جا) خوش ڪيڪار ڪري ڪامياب ٿي موٽيا. (اُنهن جو مقصد هو پنهونءَ کي پاڻ سان ڪيچ ڏانهن ڪٽي وڃڻ تنهن ۾ ڪامياب ٿيا.)

بلوچ (پنهونءَ جا ڀائر) بي غرض هئا تن محبت نہ نڀائي.

سسئي پنهنجي ساهرن لاءِ جبلن ۾ رُلڻ قبول ڪيو آهي.

## (بيت نمبر 13)

هيءُ هيٺيون بيت بلوچي لفظن جي معنائن سميت ٻانهي خان شيخ جي، سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ ڏنل آهي، هي بيت املهه اٽتوريا ڪتاب ڪانسواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ڏنل ناهي:

بُرو ڪَشِي بَر چَڙِهَئَا، نِدِ نَئُون نيئي،
بَاري اُٺَ بَلوچَ سين، مهري مِڙيئي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏُڪـيءَ ڪـي ڏيـئِـي، وِئَـا ڏَاڍيـن ڏونـگـريـن.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 220)

بُرو = هلو

ڪشي = چئي

اهو ساڳيو بيت ڪتاب املهه اٽتوريا ۾ هن ريت ڏنل آهي:

بـرو گـتـي بـر چـڙهـيـا، نـڌ نـئـون نـيـئـي،
بـاري اُٺ بـلـوچ جـا مـهـري مـڙيـئـي،
ڏڪـي ڪـي ڏيـئـي ويـا ڏاڍيـن ڏونـگـريـن.

(املهه اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، ص: 104)

اسان هيٺ انهيءَ بيت ڪي سنواري بلوچي لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

بُـرو ڪَشِـي بَـر چَـڙِهَـيـا، نِـنـڌُون نَـئـي،
بـاري اُٺَ بَـلـوچَ سـيـن، مَـهـري مِـڙيِـئـي،
ڏُڪـي ڪـي ڏيـئِـي، ويـا ڏاڍيـن ڏُونـگـريـن.

بُرو ڪَشِي = (اصطلاح) پاٽڪي ڪَدِو، هلو نڪري وڃو

نِندُون = ويهندي، ويٺي

نَئي = نہ ايندو/ايندي.

”بُرو ڪشي“ بلوچي ٻوليءَ جو اصطلاح آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”وڃو نِڪرو“، ”پاٽڪي ڪَدِو“.

هي اصطلاح اُن مهل ڪم آڻبو آهي جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن جاءِ تي وڃڻو هوندو آهي، پر هو دوستن سان ڪچهري ڪندي يا ڪنهن ٻئي مشغوليت سبب وڃڻ جي تياري نہ ڪندو آهي تہ کيس چئبو ”وَتارَا ڪَش“ پاٽڪي ڪَدِ (هِتان)،هِتي پنهونءَ جا ڀائر پاڻ ۾ گهٽا هئا. پنڌ سيني ڪي گڏ ڪرڻو هو پر جڏهن هوُ رات جو گڏ وينا هئا تہ هِتان هُتان جي ڳالهين ۾ گهڻو وقت گُذري ويو، تنهنڪري اُنهن (پنهونءَ جي ڀائرن) مان ڪنهن هڪ هَڪل ڪري چيو ”بُرو ڪَشي“ هلو هِتان نڪرو. ”پاٽڪي هتان ڪَدِو.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تہ انهن مان ٻئي ڪنهن چيو ”نِندوُن نَئي“
ها صحيح ٿو چئي (ڪيچ) مڪران ”ويهندي نہ ايندو“

**سمجهاڻي:**

هلو پاڙڪي هِتان ڪڍو. هِتان نِڪرو (پنيور مان) جهنگ ڏانهن پنڌ ڪريو ويهندي ڪيچ ڪونه ايندو. (ويٺي ڪيچ ڪونہ پُڄبو)

پنهونءَ جي ڀائرن وٽ مهريءِ اُٺَ هئا. جي اڙانگن جبلن مان لنگهي ويا، هي نزور (سسئيءَ) ڪي جبلن جي، منهن ۾ ڏيئي ويا.

## (بيت نمبر 14)

هينيون بيت ۽ لفظي معنائون ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هيٺئين ريت ڏنل آهن: هيءُ بيت فقط ٻانهي خان شيخ صاحب واري سهيڙيل رسالي ۾ ئي ملي ٿو.

گُـئَـاخ نَـ پـيَـڙُءِ گـوشِ، سَـسُـئـي سـرَوَاڻَــن جــو،
آيَـئِـي نِــنـدَ اَيـاڳَ جـي، مُـنـدَ مـوڳـي بـي هـوشُ،
لَاَلـنُ لَـيـل رَوان ٽِـيـو ٽـي رَنـدِ نِـهَـارِيــن روشُ،
سَـاجَـن ٽِـئـو سِـرپَـوشُ، پَـنـڌَ ۾ پِـيَـادِنِ جــي.

(ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 216)

روش = ڏينهن جو

سِرپوش = سر جو، مٿي جو

هيٺ بلوچي ٻوليءَ جي لفظن تي اعرابون ڏيئي، بيت جي پڙهڻي، لفظي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيئي رهيا آهيون:

گُـوَاخِ نــ پــيــڙس گَــوشُ، سُــتــي سَـرواڻــن جــو،
آئــي نــنــد اَيــاڳ ڪــي، مُــنــدَ يَــورِي بــي هــوشُ،
لَــيــلَ لال رَوان ٽــيــا، رَنــد نــهــاريــن روشُ،
ســاجــن ٽــئــي سِــرپَــوشُ، پــيــادن جــو پــنــڌ ۾.

گَئاخُ = سَڏُ، آواز



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گَوشُ = ڪَنِ، ٻُڌڻ، ڌَيانِ
روشُ = ڏِينهُن
سِرپَوشُ = متي جو ڇَتِ، اجهو آسرو.

**سمجهاڻي:**

سسئي! توکي تنهنجي سرواڻن جا سَڏ ٻُڌڻ ۾ ئي نه آيا؟
اي موڳي عورت توکي ننڊ جي ننڊ بي هوش ڪري ڇڏيو.
پنهون رات جو روانو ٿيو ۽ تون ڏينهن جو پئي راهون نهارين (سڄي رات سُتي پئي هيئن)

اي... پنهونءَ، منهنجا محبوب! هاڻ هِنن اڻانگن پيچرن ۾ ڏکئي پنڌ ۾ تون پاڻ ئي منهنجي متي تي ڇانو ڪَجانءِ.

## (بيت نمبر 15)

هي بيت گنج کان سواءِ ٻين رسالن ۾ ملي ٿو، هيٺيون بيت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

فادا پهيرِيَائُون مَهَارُونَ مَيِنِ جوُن،
مَروشِي جَبَلَ رَوَان، وَائِي وَارِيَائُون،
مونکي مَارِيَائُون ٻاروچي ٻولي ڪري.

(ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٽيون، 2008ع، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 374)

اهو ساڳيو بيت مرزا قليچ بيگ واري سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

قازا قيريائون، مَهاروُن مَينَ جون،
مَروشي جبل روون، وائي واريائون،
مونکي مارِيائون، ٻاروچي ٻولي ڪري.

(مرزا قليچ بيگ، شاهه جو رسالو، ڇاپو 1951ع، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 357)

اهو ساڳيو بيت علامه غلام مصطفيٰ قاسمي واري سهيڙيل رسالي ۾ هڪ بلوچي لفظ جي معنيٰ سميت هن ريت لکيل آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قــازا ڦــيــريــاءُ، مَــهــارُون مَــيَــنِ جــون،
مــروشــي جــبــل رُوون، وائــي واريــاءُ،
مــونــڪــي مــاريــاءُ، ٻــاروچــي ٻــولــي ڪــري.

(غلام مصطفيٰ قاسمي، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻيو، 1999ع، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 358)

ڦازا = اُٿي.

اهو ساڳيو بيت دفتر ڪارڪنانِ لطيفي وارن جي سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

قــازا ڦــيــريــائــون، مــهــارون مــيــن جــون،
مــروشــي جــبــل روون، وائــي واريــائــون،
مــونــڪــي مــاريــائــون، ٻــاروچــي ٻــولــي ڪــري.

(دفتر ڪارڪُنانِ لطيفي، شاهه جو رسالو، سُر ديسي، فصل ستون، ص: 111)

ساڳيو ئي بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي، لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن طرح ڏنل آهن:

ڦَــازَا ڦــيــريَــائُــون، مَــهَــارُون مَــيَــن جُــون،
مَــروشِــي جَــبَــل رَوَان، واڳُــون وَارِيــائُــون،
مــونــڪــي مَــارِيَــائُــون، پــنــهــون نــيــائــون پَــاڙَ ســيــن.

(شاهه جو رسالو، ٻانهون خان شيخ، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 218)

ڦازا ڦيريائون = واريائون، موڙيائون

مروشي = امروز، اڄ

جَبَل = جبل ڏانهن، پهاڙ ڏانهن

رَوَان = روانا ٿينداسون.

ساڳيو ئي بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تازي سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مَـهـارُون مَـيَـنِ جِـيـوُن، قَـذا قـيـريـائُـون،
مَـروشِـي جَـبَـل رَوُون، ايءَ وائـي واريـائـون،
مـونـكـي مـاريـائـون، ٻـاروچِـي ٻـولِـي كـري.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاھ جو رسالو، چاپو ٽيون، 2009ع، سُر ديسي، داستان سَتُون، ص: 219)

قَذا قيريائون = پوئتي واريائون

مروشي = اڄ

رَوُون = ويندا سون.

مٿيئن بيت کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن اُچارن تحت لکيو آهي، سي دُرست آهن. تنهنڪري اسان هيٺ رڳو لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجھاڻي ڏني آهي:

قَذا = پوئتي، وَري، واپس

مَروشِي = اَڄ

رَوُون = ويندا سين.

**سمجھاڻي:**

اُنن جون مَهارُون پوئتي واريائون، يعني پوئتي پنهنجي ملڪ ڪيچ وڃڻ جي تياري ڪيائون، ۽ چيائون ته اڄ جبل ڏانهن، يعني ڪيچ ڏانهن ويندا سُون.

اِها ٻاروچي ٻولي ڪري ڏيرن مونکي ماري ڇڏيو.

## (بيت نمبر 16)

هيءُ بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنيٰ ٻانهي خان شيخ جي رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهن:

لاَلَـڻ لـوغَ وِتَـا، هَـلَـڪ رَوَان ڙِي جِـيـڏِيـوُن،
پـيـرَ پَـسـتَـا پَـهـڻِـيـن، ڪَـڏِهـن ڪـيـنَ پِـئَـا،
لاَلَـڻ لاءِ لـطـيـف چـئـي، اوزان اوز ٿـئـان،
وَرَنـهَـه وَرِ پَـئَـا، ٻَـاروچَـا ٻَـاجـهَـه پَـرِئَـا.

(ٻانهون خان شيخ، شاھ جو رسالو، جلد ٻيو، چاپو ٽيون، 2001ع، سُر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ديسي، داستان تيرهون، بيت 218)

لالڻ = محبوب

لوغ = گهر مان (لوغ وئا = گهر مان هلئا ويا)

هَلڪَ = هلڪ ڏي، ڳوٺ ڏي

پَستا = هيٺ.

اهو ساڳيو بيت املهه اٽتوريا ڪتاب ۾ هن ريت لکيل آهي:

لالڻ لوغ ويا، هلڪ روان ڙي جيڏيون،
فازا ڦٽڪيا، ڪڏهن ڪين سُئا،
لالڻ لاءِ لطيف چئي، اوزان اون ٿيا،
ورونهه پوءِ وريا، ٻاروچا ٻاجهه پَئِي.

(املهه اٽتوريا، 1988ع، سُر ديسي، ص: 105)

بيت جي پڙهڻي، معنيٰ ۽ سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي:

لالَڻ لَوغ وِئَا، هَلڪِ رَوان ڙي جيڏيُون،
پيرَ پَسِتا پَهٽِين، ڪڏهِن، ڪين پئَا،
لالَڻَ لاءِ لطيف چئي، اَوَزان اَوزِ ٿِئَا،
وَرِنَهُه وَرِ پِياَ، ٻاروچا ٻَاجهَه يَريا.

لوغ ويا = گهر ويا

هَلڪِ (ميتگ) = ڳوٺ

رَوَان = ويندُس، ويندا

پَسِتَا = ڦاٿو آهي، ڦاٿل آهي

اوزان اوز = هي بلوچي ٻولي جو اصطلاح آهي، جو عام طرح ”اَوزان اوز بوُتِ جنهن جي معنيٰ سيرو سيرون ٿيڻ، ڦارون ڦارون ٿيڻ. ڦارون ڦارون، سيرون سَيرون.

**سمجهاڻي:**

محبوب گهر ڏانهن (ڪيچ ڏانهن) ويا، آءٌ بہ سندن ڳوٺ ويندس، منهنجا (سسئيءَ جا) پير ڪڏهن بہ پهڻن تي نہ پيا هئا، سي اڄ پٿرن ۾ ڦاسي پيا آهن، (مطلب ڪيچ ڏانهن ويندي سسئيءَ کي ڏکيائي پئي ٿئي)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منهنجو (سسئيءَ جو) هنيون پنهونءَ لاءِ ٿارون ٿي پيو آهي.
مون کي اهي ٻاجھ ڪندڙ ٻاروچا پهلوانَ مليا آهن.

## (بيت نمبر 17)

هن بيت ۾ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهن، جڏهن ته هي بيت ٻي ڪنهن به رسالي ۾ موجود ناهي.

لَجَ بَلوچِي نِشتَگان، هُنِ ٻولِي ٻُڌَائِي،
سُٽِي مَان نہ سَگهِي ٿئَان، ٻَاروچي وَائِي،
جَڏِهن نَزدِيڪ نِندَ آئِي، ٿَازَا ڏير ڦنگهين وِئَا.

لچ = زال
بلوچي = بلوچن، بلوچ قوم جي،
نشتگان = وينٽي آهيان.
(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، داستان تيرهون، سُر ديسي ص: 218)

بيت جي درست پڙهڻي، معنيٰ ۽ سمجھاڻي هيٺ ڏجي ٿي:

لَجَ بلوچِي نِشتَگان، هُن ٻولي ٻُڌَائي،
سُٽِي مانَ سَگهِي ٿيان، ٻاروچي وائي،
جڏهن نَزدِيڪ نِند آئي، ٿَازَا ڏير ڦَنگي ويا.

لَج = عزت، آبرو، نَنگُ
نِشتَگان = وينٽي آهيان/وينٽو آهيان
ٿازا = اُٿي
ڦنگِي = ڪنيي/زوريءَ ڪٽڻ.

**سمجھاڻي:**

ماڻهن چيو، تون (سسئي) بلوچ قوم جي آبرو عزت وينٽي آهين.
اِها ڳالھ ٻُڌي من مونکي ڪجھ فرحت اچي

جڏهن صبح ٿيڻ وارو هو (گهٽي رات جاڳي گذري پر آخر ۾ سسئيءَ کي ننڊ اچي ويئي) تہ مونکي نياڳي ننڊ آئي ۽ ڏير پنهونءَ کي ڪنيي ڪٽي ويا.

## (بيت نمبر 18)

بيت ۽ بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهن. هي بيت املھ اٽوريا ڪتاب کان سواءِ ٻين رسالن ۾ نٿو ملي.

زَڙتو بَڙتو زور، پُنهُوُن نِيائُون پَانَّ سين،
تَش تَڙَش ڪِينَ ڪِي، بُرو ڏُونگر ڏورِ،
مَنَان تَڙشا نہ ڪَرِ، بَرَابَر اُتي ڊوڙ،
هَارِي لاَهِہ مَر هورُ، ايشي مَنَاغي سَپرينِ.

(ٻانهون خان شيخ، شاهہ جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 219)

زڙتو بڙتو زور = جهڳڙو يا زبردستي (ڪري)

تش = پَچ

تڙش = ڊپ ڪر

بُرو = وڃي، هلي

منان = من ۾، دل ۾

تڙشا = ڊپ، خوف

ايشي = هيءُ

مَناغي = اجهو تہ ڄاڻ اچڻ وارو آهي، بر وقت قابو ڪر.

ساڳيو بيت املھ اٽوريا ۾ هن ريت لکيل آهي:

زرتا بَرتا زور، پنهون نيائون پاڻ سين،
مني ترسان نڪري، بُرو ڏونگر ڏور،
هاري پَئہ مَر هور، عيش پنهون ميڙانگي.

(ڪتاب املھ اٽوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 104)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بيت جي دُرست پڙهڻي هن ريت آهي:

زُرتا بُرتا زور، پُنهون نِيائون پاڻ سين،
تَشُ تَڙَشُ ڪينڪي، بُرو ڏونگر ڏور،
مَنا تُرسان نہ ڪر، برابر اُتي ڊوڙ،
هاري لاهِہ مَ هور، عيش مِن آيَگين سُپرين.

بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جي معنيٰ هن ريت ٿيندي:

زُرتا بُرتا = زوريءَ ڪٽڻ يا ڪٽي وڃڻ

تش تڙش= وسوسو ڪرڻ (دل) ڪتي ٿيڻ (نااميدي جي ڪري)

زُرتا بُرتا زور = زوري ڪٽي هليا

تَش تڙَشُ = ڊپ ڊاءُ (هي بلوچي اصطلاح "تَشُ تَڙَش مدار" جنهنجي جي معنيٰ آهي "ڊپ ڊاءُ نہ ڪرڻ".

بُرو = وڃ، هَلُ

منا تُرسان = مَن مان، دل مان ڊَپ، خوف

ايش = هي

مَن آيَگِين = آئون اجهو آيس

**سمجهاڻي:**

پنهون ءَ کي زوري زبردستي پاڻ سان وٺي ويا، (نہ تہ پُنهون پنهنجي مرضي سان ساڻن نہ ويو هو)

(سسئي) ڊپ ڊاءُ نہ ڪر. هلي جَبلَ جاچ، پنڌ ڪر. مَن مان خوف ۽ وسوسا ڪڍي ڇڏ، ۽ اُتي ڊوڙ (پنهون جي ڳولها ڪر)

اِجهو پنهُون (سپرين) آيو.

## (بيت نمبر 19)

هيٺين بيت ۾ بيت ۾ بلوچي لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ هيٺين ريت لکيل آهن،:

شَمَا بُرَوَا زِيرِ ڪَنِي، سَجَنَ لَگِ خُدَا،
چَشِمَا تي کُش مَرَاَن، تيري نيٽين ڪِئا گهاءَ،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آئون ڪِيئَن مِتيَان ساءُ، سيڻِن ڪان سَيَد چئي.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو ٻهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 220)

شَما = اوهان

بُرواَ = وجو

زيرِ ڪَني = هن ڪي وٺي اچو

چشما = محبوب جي اکين

ڪش = ڪُسجي، قتل ٿي

مَران = ساهه يا دَمُ ڏيان.

اهو ساڳيو بيت املهه اٽوريا ڪتاب ۾ هن ريت لکيل آهي:

شما بردا گني، سڄڻ لڳي خداءُ،

چشما تي ڪُش مران، نيڻن تيرا گهاءُ،

سيڻن مُران ساءُ، آن ڪيئن متيان سيد چئي.

(ڪتاب اَملهُ اٽوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 105)

هيٺ انهيءَ بيت ڪي سنواري سُڌريل پڙهڻي، لفظي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

**بيت جي صحيح پڙهڻي:**

شُما بُرَوَي زيرِ ڪَني، سَڄڻ لَڳ خُدا،

چَشِمَا ٿَئِي ڪُش مِراَن،تيري نيڻن ڪيا گهاءُ،

آئون ڪِيئَن مَتِياَن ساءُ، سيڻن ڪان سيد چئي.

لفظن جون معنائون:

شُما = توهان، اوهان

بُرَوي = وجو، هَلو

زِير ڪَني = گڏ ڪٽو، گڏ هلو

چَشما ٿَئَي ڪُش مِراَن = تنهنجي اکين (حُسن) مونکي ڪُهي ڇڏيو، ماري ڇڏيو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**سمجهاڻي:**

(سسئي پنهنجي ساهيڙين کي منٿون پئي ڪري تہ:)

الله جي واسطي اوهين وڃو پنهونءَ کي وٺي اچو (ڇو تہ پنهونءَ جي) اکين (حُسن) مونکي جڙ تہ کُهي ڇڏيو آي. (پنهون جي) نيڻن منهنجي دل ۾ وڍ وجهي ڇڏيا آهن.

سيد چئي سو آئون اهڙن سپاجهن سيڻن کي ڪيئن وساريان.

## (بيت نمبر 20)

هي بيت املهہ اٽتوريا ڪتاب کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ رسالي ۾ آيل ڪونهي:

برو بگيرد بيا، اي ٻولين ٻاروچا،
جن جي وائيءَ ۾ ور گهٽا، سي مون سيڻ ڪيا،
ڪنديس ڪين ٻيا، لقب لڳم جن جو.

(املهہ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 104)

مٿيئن بيت جا لفظي اُچار "اَملهہُ اٽتوريا" ۾ دُرست لکيل آهن پر هتي هيٺ فقط انهن لفظن تي اعرابون ڏيئي پڙهڻي کي چِٽو ڪيو ويو آهي:

بُرو بِگِر بِيَا، اِي ٻولين ٻاَروچاَ،
جن جي وائيءَ ۾ وَرَ گهٽا، سي مُون سيڻ ڪِيا،
ڪَندِيَس ڪِين ٻِيا، لَقب لڳم جِن جو.

بُرو بِگرِ بِياَ = وڃو جهلي اَچوس

انهن بلوچي لفظن جون ڏار ڏار معنائون اڳ ۾ ئي ڏنل آهن، ۽ انهي جُملي جو پس منظر بہ شروع ۾ ڏنل.

**سمجهاڻي:**

وڃو جهلي اَچوس، هر هر اهائي ڳالهہ پيا ڪن (يعني ڏير هر هر ايئن پيا چَون) جن جي ٻوليءَ ۾ گهٽا وَر يعني ڏکي ٻولي آهي (سمجهہ ۾ نہ ايندڙ) مون تن سان مائٽي ڪئي آهي. مونکي (سسئيءَ کي) سمجهہ ۾ نٿي اچي. مون انهن سان مائٽي ڪئي.

مان جن جي نالي ٿيس، سو هاڻي ٻيا ڪنديس.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## (بيت نمبر 21)

هي بيت املهہ اٽتوريا ڪتاب ڪان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ڏنل نہ آهي:

تانگو روان يار، الله ڪارڻ انگو بيا،
شما تيان پشتگان، هلندا تيو هيڪار،
توبهہ تُرت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهہ ڪان.
(املهہ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 103)

هن بيت جي بلوچي لفظن تي اعرابيون ڏيئي درست اچارن تحت لکي بلوچي لفظن جي معنيٰ پڻ ڏجي ٿي.

تَانگو رَوَان يَار، الله ڪَارڻ اِنگو بِيا،
شُمَئي تِيَان پُشتَگان، هلندا تيو هيڪار،
توبهہ تُرت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهہ ڪان.

تانگو رَوَان = ڪيڏانهن وڃن ٿا

اِنگو بيا = هيڏانهن اچو

شُمَئي تيان پُشتَگان = اوهانجي پويان هلان.

## (بيت نمبر 22)

هي بيت املهہ اٽتوريا ڪتاب ڪان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ناهي:

جنگ هُيس جن جي، تني لوڙياس،
مازان نہ گواران، هيڪلي هُياس،
وندر تي ويياس، پنهون گڏيم پٻ ۾.
(املهہ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 103)

املهہ اٽتوريا ۾ هي بيت درست ڏنل اهي، فقط بلوچي لفظن تي اعرابيون ڏيئي ۽ انهن لفظن جي معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي:

جِنگ هُيس جن جي، تِني لوڙياس،
مَازَانَ نہ گُوُارَانَ، هيڪلي هُياس،
وِندر تي وِياس، پُنهون گڏيم پٻ ۾.

بلوچي لفظن جي معنيٰ:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جِنِڪ = ڏيءُ (ڪنهن بہ ڇوڪري لاءِ بہ چئبو آهي پر هتي "ڏيءُ" لاءِ استعمال ٿيو آهي.)

مَاژَان/ماسان = ماءُ

گوُار/گوُاران = پيڻ/پيڻيون

**سمجهاڻي:**

آءٌ (سسئي) جن جي ڏيءُ هَيس تن مونکي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو.

نہ منهنجي ماءُ هُئي، نہ پيڻ. آءٌ اڪيلي هُيس، اڪيلي وِندر پئي وَيس پر منهنجو سفر ساب پيو ۽ پنهون پڀ جبل وٽ مون کي گڏيو.

## (بيت نمبر 23)

هي بيت املھ اٽتوريا ڪتاب کان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ناهي:

برو بگيرد بي روان، سنڌي هو نہ ڪهن،
ڪڪيون اڪيون ڪيچين جون، ڳاڙهي سونهن سندن،
بوت بوراٽا گهٽا، بختي بلوچن،
سامهون ڪچنڌينءَ سسئي، تون اڳيان ڪي تن،
آري ابوجهن، اوهير شال اوڏو ٿئي.

(املھ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 104)

انهيءَ بيت جي پڙهڻي املھ اٽتوريا ۾ دُرست ڏنل آهي. اسان هتي فقط انهيءَ بيت جي پهرئين سِٽَ ۾ آيل بلوچي ٻوليءَ جي جُملي ڪي زيرون زَبرون ڏيئي دُرست ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

"بُرو بِگيرَد بي رَواَن" = وڃي، جهليوس مُور ويندو.

لفظن جون معنائون:

بُرو = وڃو

بِگيرَد = جهلي، پڪڙي

بي رَواَن = مُور وينداَ/ويندو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## (بيت نمبر 24)

هي بيت املهہ اٽوريا ڪتاب کان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ناهي:

مـــروشـــي مـــحـــبـــوب ڏي، روان روش مـــيـــان،
ويـنـديـس ورنـديـس ڪـيـنـڪـي، جي روڪيو رات رهان،
بســت بـــلـــوچ ٻـُــڙتـــگـــان، لائـــق ســـو لـــهـــان،
وهـــاٽـــيءَ وهـــان، آري ڄـــام اِڄـــهـــو ڪـــري.

(املهہ اٽوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 104)

هن بيت جي پڙهڻي املهہ اٽوريا ۾ درست آهي، هتي فقط بلوچي لفظن تي اعرابيون ڏيئي انهن جي معنيٰ ڏجي ٿي:

مَـــروشِـــي مـــحـــبـــُوبَ ڏي، رَوَاَن رَوشُ مِـــيَـــان،
ويـنـديـس وَرنـديـس ڪـيـنـڪـي، جي روڪيو راتَ رَهان،
بَســـتُ بَـــلـــوچ ٻـُــڙتَـــگـــان، لاَئِـــق ســـو لَـــهَـــان،
وِهـــاٽـــيءَ وِهـــاَن، آري ڄـــام اڄـــهـــو ڪـــري.

لفظن جون معنائون:

مَروشِي = اڄ

رَوَاَن روشُ = ڏينهن جو وڄان

بَست بلوچ ٻُڙتگان = بلوچ (زوريءَ) ٻَڌي ڪٽي ويا

**سمجهاڻي:**

پنهُونءَ ڏي اڄ، ڏينهن جو ئي وڃان. (اڄ جو اڄ ئي وڃان/هينئر وڃان)

هاڻي تہ ضرور ويندس، جي مونکي ڪنهن بہ روڪيو تہ رات

رهان پوءِ بہ ورنديس ڪين،

ٻَڌي بلوچ (ڏير) ڪٽي ويا (پنهون کي) شال سو سوڀارو مون ملي.

## (بيت نمبر 25)

هي بيت املهہ اٽوريا ڪتاب ۾ هن ريت لکيل آهي:

گـــنـــدا گُـــشـــي پـــاڻ ۾، ســـر ڪـــنـــي ڪـــولـــي،
پـــرت پـــروڙي ڪـــيـــنـــڪـــي، ٻـــاروچـــي ٻـــولـــي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گس وٺي گولي، پهتي ڄام پنهونءَ کي.

(املهه اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، سُر ديسي، ص: 105)

اهو ساڳيو بيت بلوچي لفظن جي معنائن سان گڏ ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:

گِندَا گُشِي پَاڻَ ۾، سِرِ چَپَن چولي،

پَريَتِ پَرُوجِي کِينَ کِي، ٻاروچي ٻولِي،

گسُ وَٺِي گَولي، پَهتِي ڄَامَ پُنهُوُنءَ کي.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 219)

گِندَا = ڏسو

گُشي = هوچون ٿا، هو ڳالهيون ڪن ٿا

سِر = تي

چپن = لبن، وات (سر چپن چولي = چپن تي جاري آهي)

اهو ساڳيو بيت درست اُچارن ۽ لفظي معنائن موجب هيٺ ڏجي ٿو:

گِندان گُشِي پَاڻَ ۾، سَر کَنِي قؤلي،

پَريت پَروجهي کِينکي، ٻاَروچِي ٻولِي،

گس وٺي گولِي، پهتِي ڄام پُنهونءَ کي.

گِندَان گُشي = ڏسي چوڻ (اشارَن ۾) واعدو پورو ڪرڻ، وچن پاڙڻ

سَر کَني قؤلي = وچن پورو ڪَندسُ، واعدو پاڙيندسُ.

”سَر ڪَنَگ“ بلوچي ٻوليءَ ۾ ”پُڄائڻ“ يا ”رَسائڻ“ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. ”سَرڪَني“ اُن مان ورتل آهي.

مثال طور جيڪڏهن آءٌ ڪنهن ماڻهو کي ڪراچيءَ مان وٺي تُربَت رَسائيندُس ته بلوچي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڳالهه ايئن بيان ڪندس.

”مَن آيا را تُربَتاَ سَر ڪُو“

سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيندو:

”مون هُن کي تُربت پُڄايو“

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هاڻي اچو بيت جي سمجهاڻيءَ تي.

**سمجهاڻي:**

پنهونءَ جا پائر هڪبئي ڏانهن ڏسي چون پيا تہ ”سَرڪَني قؤلي“ اسان وچن پُورو ڪنداسين (پنهونءَ کي ڪيچ وٺي وڃي) ڏوٻياڻي (سسئي) بلوچي ٻولي نہ سمجهي سگهي، پر سسئي ڏيرن جي اُنن جا پير ڏسي پنهونءَ تائين پهتي.

## (بيت نمبر 26)

هي بيت املهہ اٽتوريا ڪتاب کان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ناهي:

آيا اُٺ بلوچ جا، ڪيائون شيشي مروشي،
مازوزي براش بروئي اين الو ايشي،
ڏونگر جا ڏيسي، چوهہ چڙهيا ٽڪرين.
(املهہ اٽتوريا، چاپو ٻيو، سُر ديسي، ص: 105)

هن بيت جي املهہ اٽتوريا واري پڙهڻي درست آهي، بلوچي لفظن کي ٺورو بلوچي لهجي تحت اعرابيون ڏيئي معنيٰ سميت هيٺ ڏجي ٿو:

آيا اُٺَ بَلوچَ جا، ڪيائون شِيشِي مَروَشِي،
ما زُورِين بِراسِ بُرُوئِين، اَيِنَ اِلُون اَيشِي،
ڏونگر جا ڏيسي، چوهہ چَڙهيا ڇَپرين.

شاهہ لطيف هن بيت ۾ جيڪا منظر ڪشي ڪئي آهي، تنهنجي ٺوري جهلڪ ڏيکارڻ کانسواءِ هيءُ بيت شايد سمجهہ ۾ اچي.

شاهہ سائينءَ سسئي واتان چوائي ٿو، تہ جڏهن پنهونءَ جو قافلو آيو تہ اُنهن پاڻ ۾ شيشي مروشي پئي ڪئي. الائجي ڇا ٿي ڳالهايون؟ جيئن اسانجي عام ماڻهو لاءِ انگريزي، ڊِس مس ۾ اٽر بٽر وغيره آهي، تيئن مائي سسئي لاءِ اها شيشي مروشي واري ٻولي ڏٻي ۾ ٽڪريون برابر هئي، هن بيت جي ٻي سِٽَ سڄي بلوچي ۾ آهي. ”مازُورين“= اسان ڪٽي، ”بِراس“= ڀاءُ ”بُرُوئِين“= هليا هلون، ”اين“=هتي ”اِلُون“ ڇڏي، ”اَيَشي“=هن کي

”مازورين براس بروئين اين الون ايشي“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اسين ٻاءُ (پنهون) ڪٽي هليا هلون. هن کي (سسئيءَ کي) هتي ڇڏي.

بلوچي لفظن جي الڳ معنيٰ هن ريت ٿيندي:

ماَ = اسان

زُورين = ڪٽنداسين، ڪٽي

بِرَاس = ڀاءُ

بُروئين = هلنداسين - هَلوُن

اِين = هِتي

اِلوُن = ڇڏينداسين، ڇڏي

ايشي = هِن کي.

## (بيت نمبر 27)

هي بيت ۽ هن بيت ۾ آيل بلوچي لفظن جون معنائون ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺين ريت ڏنل آهن، هي بيت ٻئي ڪنهن به رسالي ۾ آيل ڪونهي.

گِنـدَا گُشـي پَـاڙَ ۾، ڪَـنِ گِـرُهَـ بَـاتِ،
اِهَـا وَائـي وَاتِ، عَـيـش ڪِـلـوُن بِـرهـ بُـروُن.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، 2001ع، سُر ديسي، داستان تيرهون، ص: 218 ۽ 219)

گِندَا گُشي = ڏسو، هو چون ٿا، هو ڳالهائين ٿا.

گِرَهه = اڻ وڻندڙ، ڏک يا رنج پهچائيندڙ

ڪِلوُن = ڇڏيون

برهَ = ڀاءُ يعني پنهوُن

بُرون = ڪٽو

عيش = يعني هن سسئي کي.

بيت جي درست پڙهڻي ۽ معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي:

گِـنـدانَ گُشِـي پـاڙ ۾، ڪـن ڪِـرهَـ بـات،
اِهـا ٻـولـي وات، اَيـش ڪِـلـوُن بُـرِيـن بَـروُن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪِرَهه = پاسي ۾، ويجهو

ايش ڪِلون = هن کي ڇڏيون (سسئيءَ کي)

(هي رخشاڻي لهجي ۾ آهي ڪيچي لهجي ۾ ”ايش ڪِلون“ ساڳي معنيٰ ۾ ڪم ايندو.)

بُرِين بَرُون = هلو تہ هلُون.

**سمجهاڻي:**

پنهون جا پائر هڪبئي جي ويجهو ويهي، ڏِسيو چون پيا سندن وات ۾ رڳو هڪڙي وائي آهي، هن (سسئيءَ) کي ڇڏي هلو تہ (پنهونءَ کي) ڪٽي هلُون.

## (بيت نمبر 28)

هي بيت املهہ اٽتوريا ڪتاب کان سواءِ ٻي ڪنهن رسالي ۾ ناهي:

بــرو بــگــيــرد پــاڻ ۾، ڪــي ٻــولــي ٻــاروچــن،
شــيــوان شــزان شــيــزان شــود جــاڳــائــي جــتــن،
مــونــڪــي مــانَ مــلــن، آريــچــا احــســان ســيــن.

(املهہ اٽتوريا، ڇاپو ٻيو، 1988ع، ص: 104)

هن بيت ۾ آيل بلوچي لفظ نوشڪي (ڪوئيٽا) واري افغانستان جي ريتيلي، سرحدي ايراضيءَ ۾ رهندڙ پنار قبيلي جا بلوچ جن جو ڏنڏو ئي اٺ پالڻ آهي، ان لهجي کي بلوچي، ٻوليءَ جو چر مکي لهجو سڏين ٿا، انهن بلوچي لفظن جي سنڌي لکٽي تڏهن درست بيهندي جڏهن اسين انهن کي ”ژ“ سان لکنداسين. تہ پوءِ انهن لفظن جو فهرست ادائيگيءَ، وارو اچار ٿيندو. هي اچارن جون ادائگيون در ڏٽين وٽان حاصل ڪيل آهن.

بُــرو بَــگِــيــرد پــاڻ ۾ ڪــي ٻــولــي ٻــاروچــن،
شِــيــوَان شِــزَانَ شِــيــزَانِ شُــودُ، جــا ڳــائــي جــتــن،
مــونــڪــي مــانَ مِــلــنَ، آريــچــا احــســان ســيــن.

شِيوَان = اهي

شِيژَان = هتان

شِيژَانِ = رڙهندي (مان مراد اُٺ)

شوُدُ = ويا

**سمجهاڻي:**

پاڻ ۾ هڪٻئي کي سسئيءَ جا ڏير پيا چون "وڃو جهليوس"،
اِهي هِتان رِڙهندي (پنهونءَ جا اُٺ) ويا
احسان ڪري الله مون نِزور تي، جو مونکي منهنجو محبوب ملي.

## مددي ڪتاب


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو - شاهه جو ڪلام"، جلد چوٿون، ڇاپو پهريون، 1997ع.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو پهريون، 2009ع، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
3. بيگ، مرزا قليچ، "شاهه جو رسالو"، 1951ع، محمد يوسف برادرس، بُڪ سيلر، حيدرآباد، سنڌ.
4. بيگ، مرزا، "قليچ لغات لطيفي"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
5. ٽرمپ، ڊاڪٽر ارنيسٽ، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٽيون، 2008ع، ڇپايل ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
6. دفتر ڪارڪنانِ لطيفي، شاهه جو رسالو، شايع ڪندڙ دفتر لطيفي اسٽيشن، روڊ، حيدرآباد، سنڌ.
7. شاهه، سيد غلام مصطفيٰ، املهه اٽتوريا، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، 1988ع.
8. شيخ، ٻانهون خان، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو پهريون، 2009ع، جلد ٻيو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي، يونيورسٽي.
9. شوقيرام، تاراچند، شاهه جو رسالو.
10. قاسمي، علامه غلام مصطفيٰ، "شاهه جو رسالو"، ڇاپو ٻيو، 1999ع، قمر ميمڻ، مهراڻ اڪيڊمي واڱڻو در، شڪارپور.
11. گبول، عبدالحنان، "سُر ديسيءَ ۾ ٻاروچي ٻولي"، تحقيقي جنرل ڪلاچي، جلد ڏهون، شمارو چوٿون، ڊسمبر 2007ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
12. مراز، ممتاز، جديد صورتخطي: "گنج - شاهه جو رسالو"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، 1995ع/1416ھ.
13. هاشمي، سيد ظهور شاهه، "بلوچيءِ اولي بزانت بلد" (سيد گنج)، سيد هاشمي اڪيڊمي، لياري، ڪراچي.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair